# مڪلي ٽڪريءَ
# جو سير



# مَڪلي نَگريءَ جو سَير

# مڪلي ٺڪريءَ جو سير

●

پروفيسر محبوب علي چنا
بي. اي (آنرس)؛ ايم. اي (گولڊ ميڊلسٽ)

●

مهيڙيندڙ
ڊاڪٽر عبدالڪريم سنديلو
بي. اي (آنرس)؛ ايم. اي. فرسٽ ڪلاس فرسٽ
پي. ايڇ. ڊي. (سنڌ)

سنڌي ادبي بورڊ
ڄام شورو/حيدرآباد سنڌ
١٩٨٧ع

ڇاپو پهريون          سال ١٩٨٧ع          تعداد هڪ هزار

(سنڌي ادبي بورڊ جا حق ۽ واسطا قائم)

قيمت: ٻارهن رپيا

[Price: Rs. 12-00]

ملڻ جو هنڌ:

سنڌي ادبي بورڊ جو بڪ اسٽال،
تلڪ چاڙهي، حيدرآباد سنڌ.
۽
سنڌ جا سمورا نامور ڪتب فروش.

---

هيءُ ڪتاب سنڌي ادبي بورڊ پرنٽنگ پريس، ڄامشورو سنڌ ۾ مئنيجر ميان الله بچائي يوسف زئي ڇپيو، ۽ مسٽر محمد حسين ترڪ، سيڪريٽري سنڌي ادبي بورڊ ان کي ڇپائي پڌرو ڪيو.

پاران ايم ايچ پنهور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو.
Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.

# ٻيو اڪر

هر هڪ شهر يا ڳوٺ کي پنهنجو قبرستان آهي، جنهن تي ڪونه ڪو نالو ضرور رکيل آهي. اهڙن کن قبرستانن ۾ ته هزارين، بلڪ لکين قبرون، مزارون ۽ مقبرا آهن، جي پنهنجي تاريخي اهميت کان گهڻو مشهور آهن، پر ٺٽي واري مشهور قبرستان 'مڪلي' (١)

---

(١) 'مڪليءَ' تي نالي جو سبب هيءُ آهي ته الله وارن مان، هڪ بزرگ حرمين شريفين جو ارادو رکي، اچي هتي لٿو، ۽ اهڙي حالت پيدا ٿيس، جو هڪدم وجد ۾ اچي، سماع شروع ڪري ڏنائين، ۽ وجد جي جوش ۾ چوڻ لڳو ته: "هٰذہٖ مڪة لي" (هي ٽڪري، منهنجي لاءِ مڪه آهي). جنهن صورت ۾ هي لفظ بسار بار دهرايائين، ۽ سندس زبان ۾ تاثير هو، تنهنڪري عام ماڻهن جي زبان تي، هن ٽڪريءَ جو نالو تخفيف سان مڪلي (بجاءِ مڪة لي) رهجي ويو.

ڪن جي چوڻ موجب، انهيءَ نالي سان هڪ پاڪدامن، الله واري عورت، اتي مڪلي واري مسجد جي محراب جي پويان دفن ٿيل آهي. هيءُ نالو مٿين شيخ حماد جي اشاري سان ٻهرين مسجد تي پيو، ۽ پوءِ سڄي ٽڪري، انهيءَ نالي سڏجڻ ۾ آئي.

(تحفة الڪرام- سنڌي ڇاپو. صفحو ٤٦٢
سنڌي ادبي بورڊ حيدرآباد).

(ڏسو حاشيه صفحو ٢)

کي، جيڪا تاريخي عظمت ۽ اهميت حاصل آهي، سا ٻئي ڪنهن قبرستان کي شايد ئي حاصل هجي!

ٺٽو، بادشاهي شهر ٿي گذريو آهي، جتي ڏيهي توڙي پرڏيهي حاڪم، امير، علماء، پير، فقير، فقيهہ، دانشور وغيره رهيا، ۽ آخر مڪليءَ جي قبرستان ۾ وڃي آرامي ٿيا. چون ٿا تہ ڏهہ لَکَ لوڙَهہ لَٽيَل آهن، جن مان ڪن جي مزارن ۽ مقبرن تي، نہ رڳو عربي ۽ فارسي ڪتبہ لکيل آهن، پر مٿن نقش نگاري جا اهڙا تہ نادر نمونا ملن ٿا، جن کي ڏسندي، عقل دَنگ رهجيو وڃي! صدين گذرڻ کان پوءِ بہ، ڪن هنڌن ائين معلوم ٿئي ٿو، گويا اڄ ڪنهن پٿرَ جي آڪرَ ڪئي آهي، ۽ ڪاشيءَ جي رنگين سر هنئي آهي، جنهن جو ٻئي هنڌ، مثال ملڻ ئي محال آهي.

انگريزن آئي "محڪمہ آثار قديمہ" قائم ٿيو، جنهنڪري ڪيترن پراڻين تاريخي جاين، مقبرن ۽

---

محترم پير حسام الدين شاه راشدي، 'مڪلي نامہ' جي حاشيہ آرائي ڪندي، سائين جي-اير سيد جي روايت هن طرح بيان ڪري ٿو:

ڊيگامبر فرقي جي باني منڪلي جي نالي پٺيان، انهيءَ ٽڪريءَ تي، مڪلي نالو پيو. اهو لفظ پالي آهي، جنهن جي معنيٰ آهي: يوگي يا نانگو فقير.

(مڪلہ نامہ - سنڌي ڇاپو. صفحو ٣٢،
سنڌي ادبي بورڊ حيدرآباد)

آثارن جي نہ رڳو چڱي مرمت ٿي، پر سنڌن تاريخي احوال سان گڏ فوٽو بہ ڪتابن ۾ آيا. انگريزن کان اڳ حڪومت طرفان اهڙو ڪو ڪاتوئي ڪونہ هو، جو تاريخي جاين ۽ مقبرن جي سنڀال لهي ها. انهن تاريخي يادگارن کي زنده رکڻ لاءِ، سنڌ جي مورخن وڏو ڪم ڪيو آهي. مير علي شير قانع ٺٽوي جا بہ ڪتاب: تحفة الڪرام ۽ مڪلي نامہ، ۽ شيخ اعظم ٺٽوي جو تحفة الطاهرين، سنڌ جي تاريخ جا بهترين ماخذ آهن، جن ۾ مڪليءَ جي قبرستان جي نشاندهي ڪيل آهي. جيتوڻيڪ انهن نشاندهي ڪيل مقبرن ۽ مزارن مان ڪي تہ هينئر بنهہ تباهہ ٿي چڪا آهن، ۽ ڪي تباهہ ٿيڻ تي آهن، پر تڏهن بہ ٺٽوي مؤرخن جي ڏنل ڏس پتي مان، اصلوڪا آثار ڳولي سگهجن ٿا. هينئر تازو ويجهڙائي ۾، سنڌ جي عظيم مؤرخ پير حسام الدين شاه راشدي 'مڪلي نامہ' عرف 'بوستان بهار' تي تحقيق ڪندي هن ننڍڙي ڪتاب کي اٽڪل روءِ نوَ سؤ صفحن تي پهچايو آهي، هن ڪتاب جي پڇاڙيءَ ۾ مڪليءَ جي معروف هستين جا شجرا بہ ڏنا ويا آهن ۽ ان سان گڏ، وڏي جاکوڙ ڪري، ڪيترن مقبرن جا ڪتبا ۽ فوٽو پڻ ڏنا آهن، جي جديد تحقيق جي نقطہ نظر کان وڏو معلوماتي ۽ تحقيقي ڪارنامہ آهي.

مرحوم پروفيسر محبوب علي چنا (وفات ٢٤ - نومبر ١٩٧٧ع)، هڪ مڃيل اديب ۽ مؤرخ ٿي گذريو آهي، جنهن مڪلي تذڪريءَ جو سير ڪري، عمدي معلومات

فراهم ڪري 'نئين زندگي' (٥٥ ۽ ١٩٥٦ع) جي ذهن قسطن ۾ ممورو مواد ڏنو آهي، جنهن کي سنڌي ادبي بورڊ ڪتابي صورت ۾ آندو آهي. هُن، مڪليءَ جو چپو چپو ڪري ڏٺو، عربي فارسي ڪتب پڙهيا، ۽ تاريخي روشنيءَ ۾ بحث ڪيو. جيتوڻيڪ ڪي ڪتب گهٽي وقت گذرڻ ڪري، پڙهڻ کان چڙهي ويا هئا، پر تڏهن به چنا صاحب، ٽُڪي ٽُڪي، مطلب ۽ مقصد پيڙو وجي ٿيو.

"مڪلي ٽڪريءَ جو سير" ۾ مزارن، مقبرن ۽ ڪتبن جي ڪافي وضاحت ڪيل آهي، پر تڏهن به اڃا، تحقيق جي گنجائش باقي آهي. پاڻ به اهڙو اقرار ڪري ٿو مثلاً:

"هن مقبره جي ڪتبي مان، اسان کي شجرو ته ناياب مليو، مگر سَن نه هئڻ ڪري خبر نٿي پوي ته ڄام ننده جي پٽ ڄام فيروز جي اولاد جو آهي يا سندن وڏي ڏاڏي فيروز جو، جنهن جو نالو ڄام ننده واري عمارت جي شجره ۾ آهي. مگر ان شجره سان، هي موجوده شجرو لاڳاپو نٿو ڏيکاري، تنهنڪري اڃا به سمن جي تاريخ جو باب اونداهو آهي. جو تحقيق طلب آهي."

(نئين زندگي آڪٽوبر ١٩٥٥ع).

وري پڻ هنڌ لکي ٿو:

> ڪتبي جي عبارت فارسيءَ ۾ لکيل آهي، مگر ڪجهه ٻاگي ميساريل آهي. اسان ڪوشش ڪري، جو مطلب ان مان ڪڍي سگهياسين، سو هي آهي:
>
> "شاڪر دلير عمارت، راهو بن محمد، درعهد جام تغلق سڪندر شاهه بتاريخ."
>
> (نئين زندگي آڪٽوبر ١٩٥٥ع).

مڪليءَ جي شاهي قبرستان ۾، مرزا جاني بيگ، مرزا غازي بيگ، مرزا عيسيٰ ترخان، مرزا تغرل بيگ، نواب امير خليل خان، ڄام نظام الدين، جيئو شيخ، مخدوم محمد هاشم وغيره هستيون مدفون آهن. تنهنڪري گهرجي ته اجا تحقيق جاري رکي، باقي رهيل ڪم به سٽڙ ڪجي ته جيئن سنڌ جي تاريخ تي نئين روشني اچي وڃي.

بهرحال ايترو چئي سگهبو ته "مڪليءَ جو قبرستان" تاريخي دستاويز آهي، جنهن مان ننڌي جي گذريل حالات جو بخوبي پتو پئجي سگهي ٿو. يا ٻين لفظن ۾ ائين ڪٿي چئجي ته "مڪليءَ" ۾ تاريخي مواد جو اڻ کٽ خزانو سمايل آهي ته ڪو مبالغو نه آهي، ۽ سياحن لاءِ، مڪليءَ جو هي مختصر جائزو، وڏو مفيد ثابت ٿيندو.

ــ عبدالڪريم سنديلو

( ١ )

# مڪليءَ جي ٽڪري

## تاريخ جي روشنيءَ ۾

گوهرے در ميانِ اين سنگ است،
پس اين کوه قرصِ خورشيد است.

—

از نقش و نگارِ در و ديوارِ شڪسته،
آثار پديد است صناديد عجب را.

عوام شايد ائين سمجهي ته مڪليءَ جي ٽڪريءَ جي پٿرن ۾ ڇا رکيو آهي، جنهن تي اچ خيال آرائي ٿي رهي آهي! مگر مذڪور بيت مان آهو معلوم ٿيندو ته هڪ صبر آزما پيءُ جو لخت جگر جڏهن انهن پٿرن ۾ پورجي ٿو ته ان کي سج جي قرص سان مشابهت ڏني وڃي ٿي. مگر هت ته اهڙا هزارين گوهر ۽ لاله و گل جهڙيون لعلون مدفون ٿيل آهن، جن جا آثار هڪ اهل نظر کي مير معصوم ”نامي“ جي لفظن ۾ ضرور مدعو ڪندا:

برخيز تا بخاڪِ عزيزان گذر ڪنيم
زان پيش تر ڪه ديده شود خاڪِ راهگذر.

مڪليءَ جي ٽڪري، پب ۽ هاڙهي جبل جي شاخ آهي ۽ رنيءَ جي ڪوٽ واري ٽڪرين جي قطار مان

شمار ڪٿي وڃي ٿي. اها پير پٺي کان نڪري، اتر ڏي برابر پنج ڪوهه وڃي، لٽي کي ويجهو الهندي ڏي بيهي ٿي. ساموئيءَ جو ڪوٽ پنهنجي شاندار ماضيءَ تي، اتر واري چيڙي جي هيٺان، حسرت جا ڳوڙها ڳاڙي رهيو آهي، ته ڏکڻ جي پاسي وري، بکر جي ڊنڊ پنهنجين سرمرين موجن سان ناظرن جي دل لڀائي رهي آهي. هن ساري مفاصلي لاءِ، ڌار ڌار روايتون آهن، جي هيٺ درج ڪجن ٿيون:

(۱) ايڊورڊ ٿارنٽن، پنهنجي گزيٽيئر ۾، جنهن جو احوال هيٺ آئيون ٿا، مڪليءَ جي ٽڪريءَ جي ڊيگهه ويهه ميل ڄاڻائي آهي.

(۲) پروفيسر محمود بريلوي پنهنجي اردو تصنيف "تاريخ اسلامي سنده" ۾ ڇهن کان پنجن ميلن تائين ڏيکاري آهي.

(۳) مسٽر پيرومل پنهنجي ميرن جي ڪتاب "سنڌ جو سيلاني" ۾ لکي ٿو ته "مڪليءَ جي ٽڪري ڪا ننڍي ڪانهي. ڊيگهه ۾ ڏهن ميلن کان به مٿي آهي ۽ پير پٺي وٽ بگهاڙ واهه وچ ۾ هئڻ سبب، اتي جي ٽڪريءَ کان ڇڃي، ڌار ٿي پئي آهي. ٽڪريءَ جي اتاهين، ڪٿي سئو سؤ کن فوٽ، ته ڪٿي ڏيڍ سؤ کن فوٽ آهي."

(۴) مسٽر ظفر قريشي نئين زندگي فيبروري ۱۹۵۰ع جي صفحي ۳۹-۴۰ تي رقمطراز آهي: "لٽي شهر کان

ٻن ميلن جي مفاصلي تي مڪليءَ جو قبرستان آهي.
هي هڪ اڌ پٿريلو دڙو آهي. هن جي پکيڙ ڇهه
چورس ميلن ۾ ٿيندي."

مٿين روايتن کي جيڪڏهن تحقيق جي نظر سان
ڏسبو ته معلوم ٿيندو ته اهي صحيح نه آهن. مسٽر
پيرو مل جي ڪٿ ته ٽڪري ڏهه ميلن کان مٿي آهي،
ڪجهه درست آهي. مخدوم محمد زمان "طالب المولي"
سائين کي، ٺٽي مان ۱۹۱۶-۱۹۱۷ع جو نڪتل مڪليءَ
جو جهونو نقشو هٿ آيو، جنهن جي ماپن مطابق مڪليءَ
ٽڪريءَ جي ڊيگهه سادا تيرهن ميل آهي، جا بلڪل
صحيح ۽ محقق آهي. ايڊورڊ ٿارنٽن پنهنجي تاليف
"هندوستان جي اتر اولهه واري گزيٽيئر" (مطبوع
سال ۱۸۴۴ع) ۾ ڪئپٽن ووڊ ڪينبري، برنس ۽ آئونرام
جي حوالن سان، جو مڪليءَ جو احوال ڏنو آهي،
سو ترجمو ڪري هيٺ پيش ڪجي ٿو:

"سنڌ جي دوآبي ۾ ننڍين ٽڪرين جي قطار
ويهه ميل ڊگهي آهي، جا اتر طرف ٺٽي جي نزديڪ ۽
ڏکڻ طرف پير پٺي تائين آهي. هنن ٽڪرين جي اوچائي
هڪ سؤ فوٽن کان مٿي نه آهي. هنن ۾ ڪورل ۽
چٽني جو پٿر سمايل آهي، هن کي کهرو مٿاڇرو آهي.
جنهن تي سواءِ ڪن ننڍن ٻوٽن جي، ٻيو ڪجهه به نٿو
اپري. هن جي ويڪرائي ڦاڪ چوويهه ڊگريون ۽ چاليهه
آهي، ۽ ڊگهائي ڦاڪ اٺهٺ ڊگريون ۽ پنجونجاهه آهي."

هائي ڏسون ته مڪلي ٽڪريءَ تي اهو ٺالو ڪيئن پيو.

مسٽر پيرومل کي سير و سفر ڪندي، جهونڙن ڪان جيڪي معلوم ٿيو آهي، سو هن صاحب هيٺين طرح لکيو آهي:

”سنڌ ۾ هن وقت، جيڪي آڱاٽا شهر آهن، انهن مان هڪڙو ٺٽو آهي، ۽ مڪليءَ جي ٽڪري، جا ان جي نزديڪ آهي، سا ان جو سينگار آهي. انهيءَ ٽڪري تي مائي مڪليءَ جي تربت آهي، جنهنڪري اهو نالو پيو اٿس. چون ٿا ته سنڌ جا هاڪارا ماموئي فقير، جي اڳڪٿيون ڪري ويا آهن ته، ”جڏهين ڪڏهين سنڌڙي ٺوڪي ٺنڊارڻون جوڪو“ وغيره، سي ڪجھ وقت ٺٽي ۾ رهيا هئا ۽ ڪين ٻه پيرون هيون، هڪ مائي مڪلي ۽ ٻي ٻلڙي. ٻلڙيءَ جو ڪوٽ ٺٽي محمد خان تعلقي ۾ آهي، جنهن جو پوءِ ذڪر ڪبو. ٻنهي پيرن جي نالي چون ٿا ته ڪماليت کي پهتل هيون. مائي مڪليءَ جي تربت، هن ٽڪريءَ تي هٺڻ ڪري، هي سڄو ورو مڪان ليکيو ويو آهي، تنهنڪري آسپاس جا مسلمان، ٻنهنجا مالهو هتي پورين ٿا ۽ ذات ذات جي مسلمانن لاءِ، جدا جدا مقام آهن. هن ٽڪريءَ تي سرڪاري جايون ٺهيل آهن ۽ گشتي عملدار هتي اچي رهندا آهن“.

مسٽر پيرومل جهي مٿئين احوال مان، هيءَ ڳالهه نٿين معلوم ٿئي تي ته مائي مڪلي، ماموئي فقيرن جي پيڻ هئي. اهڙو اشارو، اڳ ڪنهن ٻيءِ ڪتاب ۾

ڏنل نہ آهي. تنهنڪري هن ڪي ڪهاوت جو درجو ڏبو ٿ بس. تحفة الڪرام ۽ تحفة الطاهرين ۾ مڪليءَ جي نالي جي باري ۾ ٻہ روايتون موجود آهن، جي هيٺ پيش ڪجن ٿيون:

١- قديم وقت ۾ هڪڙو وڏو بزرگ حج ڪرڻ ٿي ويو. مڪليءَ تي اچي لٿو. رات جو خواب ۾ ڏٺائين تہ ڪعبو شريف سندس قيام جي هنڌ واقع آهي. بزرگ هن خواب کان ايترو تہ متاثر ٿيو، جو بار بار چوڻ لڳو تہ، "هذا مڪة لي! هذا مڪة لي"!! يعني هي منهنجي لاءِ مڪو آهي. هي منهنجي لاءِ مڪو آهي. اهڙيءَ طرح هن هنڌ "مڪة لي" مان نالو مڪلي پئجي ويو.

٢- ٻي روايت آهي تہ، هڪڙي بي بي، مڪليءَ واري مسجد جي محراب جي ڀِرَّيان دفن ٿيل آهي. اِنهيءَ مسجد تي شيخ حماد جماليءَ، "مڪلي" يا "ننڍي مڪي" جو نالو رکيو. پوءِ اِنهيءَ مسجد تان ساري ٽڪريءَ تي نالو پيو. ياد رهي تہ اِها مسجد شيخ حماد جي حڪم تي ڄام تماچيءَ ٺهرائي هئي، جنهن کي هن جي دعا جي طفيل، ڄام جوڻي کان تخت مليو.

مائي مڪليءَ جي تربت بہ باعث بحث آهي. هڪ ننڍي قبر، مسجد جي محراب جي بلڪل لڳ، پاهرين پاسي ٺهيل آهي، جنهن جي ٻرسان ماڻهن، "مائي مڪلي" لکي ڇڏيو آهي. منهنجي ناقص سمجهہ موجب، اِها قبر مائي مڪليءَ جي نہ آهي. مخدوم محمد زمان

”طالب المولي“ سائين جي نقشي مطابق، مائي مڪليءَ جي تربت مسجد جي اولهه طرف واري رانڪ ۾ آهي، جا اڪ تہ تمام سهڻي هُئي، مگر هاڻي تہ شڪستہ حال آهي. هن ۾ چند قبرون آهن ۽ چوڏاري بند آهي، جنهن مان اندازو لڳائي سگهجي ٿو تہ اتي ضرور ڪي زنانہ عالم جون تربتون هونديون. اهڙي نموني، هن ٽڪريءَ تي ”مڪلي“ ٽڪري نالو پيو.

جيئن تہ ٺٽو ۽ ان جي ويجهڙائيءَ وارا مقام، ساموئي، ڪلان ڪوٽ وغيره سمن جي حاڪمن کان وٺي، گاديءَ جا هنڌ ٿي رهيا آهن، تيئن انهن حاڪمن مان گهڻن جون قبرون ۽ قبا، مڪليءَ تي آهن، جنهن مذڪور سيني شهرن لاءِ، سرڪزي مقام جو ڪم ڏنو ٿي، انهن کان سواءِ، مڪليءَ تي تمام گهڻن اوليائن ۽ بزرگن جا مقبرا بہ آهن. مسٽر ظفر قريشيءَ پنهنجي مضمون ”ٺٽي“ ۾، جنهن جو ذڪر اسان مٿي ڪري آيا آهيون، ڄاڻايو آهي تہ، چوندا آهن تہ: ”هتي ڏهن لکن کان وڌيڪ قبرون آهن، جنهن ۾ وڏا وڏا مقبرا ۽ مسجدون آهن. انهيءَ قبرستان ۾، ٺٽي جا پراڻا حاڪم، عالم، درويش ۽ امير وزير دفن ٿيل آهن. انهن قبرن جي مصلن تان وفات جي تاريخن جا حال معلوم ٿين ٿا“.

مسٽر ظفر قبرن جو اندازو ڄاڻايو آهي، تنهن ۾ ڪجهہ وڌاءُ آهي. مگر ”قديم سنڌ“ ۾ مرزا قليچ بيگ تحفة الڪرام تان، هن طرح اخذ ڪيو آهي تہ:

”هتي هتي جي گاهہ جا ننڍا ننڍا نُڪر ۽ هوائن جي زور ڪري ٿوهرن جا وانڍا وَڻُ ، هن ويرانہ جي ويرانيءَ ۾ پڻ اضافو ڪن ٿا. محلاتن، اميرن، ڄامن ۽ سيدن جي مقبرن جي ساخت تي ضرور سالن جا سال لڳا هوندا. ڪن ۾ وڏي گنبذ جي چوڪنڊاري، ننڍڙن قبن جي قطار آهي، جي ايڪوني يا ٻٽيهي ستون بندي تي بيٺل آهن. ٻيا وري وڏن پٿرن جي ديوارن اندر آهن، جن ۾ چورس صحن آهن ۽ ڏار ڏار رستن لاءِ دروازا آهن. ڪن ۾ وڏا مرمرين گنبذ آهن، جيڪي وري سنهن سلوٽن ٿنڀن تي بيٺل آهن ۽ انهن مان گهڻا وري رنگين چمڪندڙ هالنڊ جهڙن سرن مان ٺهيل آهن، جي پراڻي روم جي سرن مان شايد وڃي ڪلهو هڻندا.“

مٿين احوال مان اوهان کي چڱيءَ طرح اها پروڙ پئي هوندي تہ ڪيئن نہ مڪلي خستہ دلين لاءِ، آماجگاهہ ۽ پريشان روحن لاءِ، ورنهن آهي ۽ هن جو ثبوت اسان کي هڪ رانڪ تي آڪريل بيت مان مليو جو هن طرح آهي:

ز دستِ چرخ کج رفتار غدار
دلا تا چند از غم خستہ کردي
بکوهستانِ بکلي شو دلِ زار
کہ از دنياي دون وا رستہ کردی.

# ساموئي ۽ شيرازي ساداتن جو مقام

اسان مڪليءَ جي ٽڪري جي آترئين ڇيڙي وٽ، اوهان کي وڻي وڃون ٿا، جتي هينئر اوهان کي شڪسته حال جهوپڙيون پنهنجي ياد ماضي تي اوساريندي نظر اينديون. هن خطي کي هاڻي به ساموئيءَ جو ڳوٺ سڏجي ٿو ۽ ديهه شاڪراڻي سيمن تعلقي ٺٽي ۾ آهي. هي ڳوٺ، شهر ٺٽي جي اتر اولهه جي طرف ڏيڍ ڪوهه جي مفاصلي تي آهي. سنڌ جي باشندن لاءِ، جيڪي به شهر مناظرهٔ عبرت آهن، انهن مان هيءُ به هڪ آهي جو عقل و بصيرت وارن لاءِ قرآن شريف جو هي فرمودو ياد ڏياري ٿو ته "فاعتبروا يا اولی الابصار."

سومرن بادشاهن جي ڏينهن ۾ "محمد طور" گاديءَ جو هنڌ هو، جنهن جا ٿيهل نشان، هاڻي بدين جي ڏکڻ اولهه ۽ ميرپور بٺوري جي ڏکڻ اوڀر "شاه ڪپور" جي ڳوٺ وٽ ملن ٿا. هن شهر جي بربادي علاؤ الدين خلجيءَ جي گورنر نصرت خان جي هٿان ٿي ۽ اهو شهر ١٣١٥ع جو ڊهو وڃي ٿو. ان بعد سمن حاڪمن جو دور دوره شروع ٿئي ٿو. هنن وري پنهنجي گاديءَ جي لاءِ، ڪي شهر ٻڌا، جن مان ساموئي اولين ۽ ٺٽو آخري هو. ساموئي درڪ پرڳڻي ۾ واقع هو.

مرزا قليچ بيگ مرحوم قديم سنڌ ١٣٢ صفحي تي هن حقيقت کي غلط طور پيش ڪيو آهي تہ "سمن جي جامن وري ڪلان ڪوٽ وٽ تختگاهہ بنايو، جنهن جو نالو "تغلق آباد" رکيائون. ساموئي بہ ان کي ٿا چون." پر ٻئي هنڌ وري ان جو آزالو پاڻ ئي ڪيو اٿس. جو تہ ڪلان ڪوٽ، مڪليءَ جي ڏاکڻي حصي ۾ آهي ۽ ساموئي اتر اولهہ ۾. ازان سواءِ هي تاريخي حقيقت آهي تہ ڪلان ڪوٽ، اهو مکيہ هنڌ آهي، جنهن تي طغرل آباد ۽ تغلق آباد جا نالا پيا. تنهنڪري هي بہ جدا جدا هنڌ آهن.

سيئي مستند تاريخون، هن ڳالهہ تي متفق آهن تہ "ساموئي پهريائين سمن سردارن جي سڪونت گاهہ هئي، پوءِ ڄام نظام الدين عرف ڄام نندو جي ڏينهن ۾ هن جو شان و شوڪت مٿيءَ ۾ ملجي ويو، جو ڄام نندو، هڪ نئين شهر ٺٽي جو بنياد وڌو." باقي هيءَ ڳالهہ اڃا تحقيق طلب آهي تہ هن شهر جو باني ڪير هو؟ ڪن تاريخ نويسن جو چوڻ آهي تہ ڄام انڙ بن بابينہ (٧٥٢هہ) ۾ گادي نشين ٿيو ۽ سندس پٽ ڄام بابينہ اهو شهر ٻڌايو هو. ڪن مؤرخن جو خيال آهي تہ اهو شهر ڄام بابينہ بن خيرالدين جو ٻڌايل آهي ۽ ڪي وري ڄام بابينہ بن خيرالدين جو ٻڌل چون ٿا. ساموئي جي برباد ٿيڻ ٺٽي جي آباد ٿيڻ جو احوال مؤلف "لب تاريخ سنڌ" خان بهادر خدا داد خان مفصل طور

ڏنو آهي، جنهن ۾ هن صاحب ٺٽي جي شهر جي تعمير جو سال (٨٩٣هه/١٥٨٥ع) ڄاڻايو آهي، جو ابجد جي حساب موجب "بہ بين بسم اللّٰه الرحمٰن الرحيم" مان نڪري ٿو. قديم ساموئي شهر جي پڪيڙ ڪافي وڏي هئي، جنهن ۾ هاڻوڪو ڪوٽ ۽ هن جون مضافات ڄام نندي جي مقبري تائين اچي ويا ٿي. وري نڪريءَ جي هيٺان اوڀر طرف، درياهه وهيو ٿي، جنهن کي ساموئيءَ جو درياهه سڏيندا هئا، جنهن جا چِٽا نشان اڃا تائين ملن ٿا. شيرازي مقام ۽ سمن واري سڪونت گاهه جي وچ ۾ هڪ دل لڀائيندڙ ماٿري آهي، جنهن ۾ سبزيءَ جي دلڪشا چادر وڇايل آهي. هن جي اوڀر طرف وڻن جا جهڳٽا آهن، جن مان ٿڌيون هيرون صرصر ڪري دل کي فرحت ۽ دماغ کي تراوت پهچائين ٿيون. وڻن جي پرسان اڃا به پاڻي جا چشما نظر چڙهن ٿا.

موجوده ڪوٽ جي عمارتن جو بنياد، پٿرن تي بيٺل آهي، جي پٿر اصل قديم شهر مان کوٽي هٿ ڪيا ويا آهن. شاه مراد جي هڪ مجاور، غلام محمد سمي کان معلوم ٿيو ته ساموئيءَ ڪوٽ جي آسپاس، جيڪڏهن زمين کوٽبي ته اڃا به هيٺان زمين مان پٿر نڪرندا. موجوده ڪوٽ ۾ جهنڊي پاٽيءَ خواه ستين جي آستان جا مجاور رهن ٿا، جن ۾ درس شيخ ۽ سهر آهن. انهن جي مکيه آمدني خيرات ۽ زمين جي پوک آهي.

تحفة الڪرام ۽ تحفة الطاهرين جي راءِ موجب، جي ٻه مقبرا ساموئيءَ جي حد ۾ اچي وڃن ٿا، سي هي آهن:
(١) ستين جو آستان (٢) شيخ حماد (٣) شيخ عيسىٰ
(٤) ملا عبدالرحمان ۽ (٥) شيخ جهنڊو پاتڻي.
اسان هنن جو مختصر تعارف ناظرين ڪرام لاءِ پيش ڪريون ٿا.

(١) ستين جو آستان: روايت آهي ته ستيون سو رميون هيون، جي ظالم زميندارن کان دور رهي، حق بخشي، ڏني تعاليٰ جي عبادت و رياضت ۾ گذاريندڙيون هيون. هڪ دفعي جيئن دستور موافق، هو ساموئي جي درياهه تي وهنجڻ ويون ته آهي ظالم، انهن جي پٺيان لڳا. انهن کي جهنڊي پاتڻيءَ بيٺي پار پهچايو، مگر انهن نفس پرستن انهن جو پيڇو نه ڇڏيو. آخر ٻي ڪا واهه نه ڏسي، ڏني تعاليٰ کي پاڏايائون ته اسان جو ستر ڪر زمين ڪٽلي پئي ۽ هي زمين دوز ٿي ويون. هن هنڌ هاڻي سندن ستن قبرن جا نشان آهن. هي آستان پراڻي عمارت جو جڙيل آهي، مگر هن جي ڇت تازي ٺهيل آهي. سامهون ڪجيءَ جو وڻ ڏاڍي لئي لڳايو بيٺو آهي.

(٢) شيخ حماد بن شيخ رشيدالدين جمالي: هن جو تذڪره جيڪر سمن حاڪمن جي سڪونت گاهه جي احوال ۾ اچي گهرجي. هن جو مقبره چام نندہ جي اتر ۾ مسجد جي نزديڪ تمام ڊنل حالت ۾ واقع آهي. مگر جيئن ته هي بزرگ ساموئي جي بزرگن ۾ شمار

ڪجي ٿو، تيئن هن جو احوال هت ڏيون ٿا: شيخ حماد، شيخ جمال آچ واري جو ڏوهٽو هو، تنهنڪري جمالي سڏجي ٿو. ڄام جوڻي جي ڏينهن ۾ ڄام تماچي ۽ سندس پٽ صلاح الدين سندس گهڻا معتقد هئا. ڄام جوڻي، شيخ جي ڪرامت جي ڊپ ڪري، هنن کي دهليءَ ڏي قيد ڪري موڪلي ڏنو. شيخ صاحب کي تمام گهڻي ڪاوڙ لڳي. وجد جي حالت ۾ هڪ سنڌي بيت پڙهيائين، جنهن ۾ انهن لاءِ دعا هئي. هن ڪري شيخ صاحب کي سنڌي ادب جي پهرين شاعرن مان شمار ڪجي ٿو. آخرڪار فقير جي دعا سان ڄام تماچي ۽ سندس پٽ کي حڪومت ملي. انهيءَ فقير صاحب جي حڪم تي هڪ وڏي مسجد ٺهرائي، جا اڃا تائين سندس تربت جي اولهه ۾ موجود آهي. مسجد شريف جي ساخت سان معلوم ٿئي ٿو ته مسجد شريف جوڙڻ ۾ ته لاجواب هئي.

(٣) شيخ عيسيٰ لنگوٽيو: هن جو ذڪر وري شيرازي ساداتن جي ضمن ۾ اچي ها، پر اسان سندس احوال "ساموئي جي سامين" ۾ ڏيون ٿا. هن جو قبو سيد عالي ثاني شيرازيءَ جي قبي جي آتر اوڀر جي ڪنڊ تي جبل جي لاهي وٽ آهي. هي صاحب، لانگوٽو ٻڌي پيو هلند و هو، جنهنڪري کيس "لانگوٽيو" ڪري سڏجي ٿو. شيخ حماد جو هم صحبتي هو. پڇاڙيءَ جي ڏينهن ۾ سيد محمد حسين شيرازي عرف سيد مراد جي تولد جي

هاڻي اچون ٿا سيد محمد حسن عرف سيد مراد واري مقام تي. سيد مراد جمديئي ڄام هو، جيئن سندس احوال شيخ عيسيٰ واري حصي ۾ ڏنل آيا آهيون. هن صاحب جي ڪرامات جو سمورو احوال 'رسالہ مراد'، فارسي ۽ 'تذڪرة المراد' عربيءَ ۾ آيل آهي. سيد مراد جي تربت ڪاٺ جي ڇٽيءَ جي هيٺان آهي. هن جي چوڌاري سندس عزيزن، ناناڻن ۽ معتقدن جون تربتون آهن. سيد مراد جي لڳ، سندس والدين ۽ ڀائرن جون تربتون آهن. هن جي تربت جي اتر اولهه ۾ مسجد شريف آهي، ۽ سڄر اتر مڪتب آهي، جو سيد صاحب جي علم جي ڪمال جو بين ثبوت آهي. اتر ۾ ٻئي طرف سيد عبدالصمد جي تربت آهي، جو به ڪامل ولي ٿي گذريو آهي. سيد صاحب جي مقبري جي ٻاهران ذڪر ۾ سيد عبدالخالق شيرازيءَ جي تربت آهي، جنهن تي سنه وفات ١٢٩٥هه لڳل آهي. اولهه ۾ هڪ تربت آهي، جنهن تي هي الفاظ اڪريل آهن. "مقبره منوره محمد قاسم جوهري تاريخ ٢٦ ماه ذي القعده ١٢٥١هه." سيد مراد جي ذڪر اولهه ۾ سندس ناني قاضي نعمت الله جي تربت آهي، ۽ اتي ئي قاضي صاحب جي متعلقن جو مقام آهي.

هت اسان ساموئي ۽ شيرازي سادات جو احوال ختم ڪريون ٿا.

( ٣ )

# سمن جي سڪونت گاهه

سيد مراد جي مقبره کان ڏکڻ طرف ييچرو وٺي هلنداسين ته اسان کي واٽ تي، ٺلاءِ جي مٿان شاه ڪامل جو قبو ڏسڻ ۾ ايندو. ان کان اورتي اڃبو ته مائي سائيءَ جي تربت آهي. انهن ٻنهي جو احوال تحقيق طلب آهي. انهن کان اوري ڏکڻ طرف، ييچري جو پنڌ پڄائبو ته اسان کي ڪاري ڪچ سان، مشهور قاضي عبدالله جي قبر ڏسڻ ۾ ايندي، جو ڄام نظام الدين عرف ”نندو“ جي ڏينهن ۾، بلند پايه جو عالم ٿي گذريو آهي، جنهن جي تقويٰ ۽ تعميل، احڪام رباني ضرب المثل هيون. ان جي مٿان معروف بزرگ حماد جماليءَ جو قبو آهي، جو هاڻي شڪسته حال آهي، جنهن جو مفصل احوال اڳ ۾ ڏيئي آيا آهيون. سمن بادشاهن جي محلي ڏي، ٺٽي جنگشاهي واري رستي مان، هڪ ييچرو ڦٽي ٿو. گهڻو ڪري سيلاني، ان رستي جي وسيلي، سمن جي سڪونت گاهه تائين پهچن ٿا، ۽ جهڙي نموني قبرون هنن کي نظر چڙهن ٿيون، ان طرح مان هنن مرقدن جو ذڪر ڪريان ٿو، جيئن مڪليءَ جي مشتاقن کي تڪليف نه ٿئي.

سمن باد شاهن جي تخت گاهه بابت ٻن وڏيڪ تاريخي احوال اڳ ۾ اچي چڪو آهي. انهيءَ ڏس ۾ اهو پڙهندڙن لاءِ ڪافي ٿيندو تہ "سما قوم" سنڌ جي اصل باشنده هئي. سومرن جي اٿبٽت ڪري، ڪيترا سما، سنڌ ڇڏي، وڃي ڪڇ جا رهواسي ٿيا. سومرن جي مڪمل شڪست کان پوءِ، ڄام انڙ بن ڄام بابينه (٧٥٢هه/١٣٥١ع) ۾ سنڌ جو حاڪم ٿيو. "چچ نامہ" موجب، سمن حاڪمن جو تعداد ١٥ (پندرهن) آهي ۽ تاريخ معصومي جي مصنف سترهن ڄاڻايو آهي. مگر تاريخي تحقيق موجب، اهي انگ اڪر غلط آهن. درحقيقت سما باد شاهہ ڪل ١٨ (ارڙهن) ٿي گذريا آهن، ۽ هنن جو آخرين تاجدار ڄام فيروز بن ڄام نندو آهي، جنهن کي شاه بيگ ارغون سنہ ٩٢٦هه/١٥١٩ع ۾ شڪست ڏيئي، سمن جي حڪومت جو خاتمو آندو. هاڻي اچون ٿا، سندن قبرستان جي احوال تي.

اسان اوهان کي "سمن جي سڪونت گاهہ" جي ڏکڻ اولهہ واري ڪنڊ تي وٺي وڃون ٿا، جتي مبارڪ خان جي سهڻي چوڪنڊي آهي، جنهن کي ٻہ دروازا آهن. هڪ ڏکڻ کان ۽ ٻيو اوڀر کان. پهريون ڏسون تہ هي مبارڪ خان ڪير هو؟ مقبري جي ڪتبي مان معلوم ٿئي ٿو تہ مبارڪ خان، سلطان نظام الدين جو پٽ هو. مگر مڪليءَ جي قديم نقشي وارن، هن مقبره جو نالو "سلطان مبارڪ خان" عرف "دولو دريا خان"

ڏاڪڻي دروازي تي عربي عبارت اڪريل آهي، جنهن جي معنيٰ هيءَ آهي: "هي عزت واري تربت مبارڪ خان اعظم شهيد جي آهي، احاطه اندر ١٧ تربتون آهن. محراب جي طرف مبارڪ خان جي تربت آهي. تربت تي عربي ڪتبو لڳل آهي، جنهن جي عبارت مذڪور عبارت جهڙي آهي. اوپر واري دروازي تي، عربي ۾ اکر اڪريل آهن، جنهن جي معنيٰ آهي: "هي مقام خان اعظم ميان مبارڪ خان بن سلطان نظام الدين شاه جي ڏينهن ۾ ٺهيو. تعمير جو آغاز جمادي الاول سنه ٨٩٥ هه مطابق ١٤٩٠ع ۾ ٿيو."

هن مان ظاهر آهي ته هي سهڻي عمارت دريا خان پنهنجي حياتيءَ ۾، ڄام ننده جي حڪومت ۾ جوڙائي.

مبارڪ خان جي مرقد جي اتر اوڀر ۾، هڪ مقبره بنا قبي جي شڪسته حالت ۾ آهي، جنهن ۾ ڏهه قبرون آهن. اوڀر طرف ٻه وڏيون قبرون آهن، ۽ ٻيون ڪچيون زمين ڪان ٿورو مٿاهين تي آهن، سي زنانيون آهن. اندر اولهه طرف، ڀت ۾ هڪ ڪتبو عربي عبارت ۾ نظر آيو، جنهن جا ڪيترا اکر ميساريل هئا. عبارت جو سنڌي ۾ ترجمو هي آهي، "هي آرامگاه الله تعاليٰ جي رحمت جي طالب واسطي آهي. هن عمارت جو ٺاهيندڙ ميان تاج الدين آهي، ۽ هي ميان فتح خان بن سلطان نظام الدين شاهه (جنهن جو ڏٽي تعاليٰ ملڪ ۽ ۽ سلطنت وڌائي) جي پيءُ لاءِ، ٨٩٨هه ۾ تيار ٿيو."

ڄام فيروز جو لقب فتح شاه هو، جنهن جو اشارو اسان کي ڄام ننده جي مقبري جي اترئين پاسي واري ٻاهرين ڪتبي مان مليو آهي. هي مقبرو به ڄام نندي جي ڏينهن ۾ ٺهيو. ان مقبري کان ٻاهر نڪتاسين ته اسان جو توجه اوڀر پاسي جي هڪ مقبره ڇڪيو. اندر ڪابه تربت معلوم نه ٿي. سمجهوسين ته فرحت لاءِ بنايو ويو آهي. مگر پوءِ هڪ ڪتبه عربي عبارت ۾ لکيل ڏسڻ ۾ آيو، جنهن جو سنڌي ترجمو هي آهي، "هي آرامگاه، الله جي رحمت جي اميدوار جي آهي. عمارت جو جوڙيندڙ ملڪ راجپال پٽ ملڪ انڙ پٽ ملڪ راهو پٽ ملڪ راڌن پٽ ملڪ راهو پٽ فيروز شاهه سلطان آهي. يا الله هن جي آرامگاه ٿڌي رک. هن جي قبر روشن ڪر ۽ هن جي اڪيلائيءَ کي راحت وارو ڪر."

هن مقبره جي ڪتبي مان اسان کي شجرو ته ناياب مليو، مگر سٽن نه هئڻ ڪري خبر نه ٿي پوي ته ڄام ننده جي پٽ ڄام فيروز جي اولاد جو آهي يا سندن وڏي ڏاڏي فيروز جو، جنهن جو نالو ڄام ننده واري عمارت جي شجره ۾ آهي. مگر ان شجره سان هي موجود شجره لاڳاپو نه ٿو ڏيکاري، تنهن ڪري سمن جي تاريخ جو باب اونداهو آهي، جو تحقيق طلب آهي. هن مقبره جي ڏکڻ ۾ به قبرون ٻاهر

واقع آهن. هڪ خالي آهي ۽ ٻيءَ تي هي اکر اڪريل آهن:

”هٰذالقبر جبير بن مراد“

هن نڪر ۾ ٻه رانڪون، انهن ٽنهين جون جڙيل ملن ٿيون. هڪ اترئين طرف ۽ ٻي ڏکڻ اولهه طرف، اتر واري رانڪ جي اولهه پاسي وارو حصو ڊٺل آهي. ڪتبي جي عبارت فارسي ۾ لکيل آهي، مگر گهڻي ميساريل آهي. اسان ڪوشش ڪري، جو مطلب ان مان ڪڍي سگهياسين، سو هي آهي:

”شاڪر دلير عمارت، راهو بن محمد در عهد
چام تغلق سڪندر شاه بتاريخ.“

ڏکڻ اولهه واري رانڪ جي اولهه پاسي، جو ڪجهه لکيل هو، سو هي آهي:

”بسم الله الرحمان الرحيم، حصار ڪردم بقول
لاإلٰه الاالله، مهر زدم بنام محمد رسول الله.“

هن جي ڏکڻ ۾، هڪ تربت قبي اندر آهي ۽ ٻي قبي کان ٻاهر، اڀرندي طرف آهي. رانڪ نمبر پهرين جي اتر اولهه جي ڪنڊ ۾، هڪ وڏو پٿرن جو ڍير آهي، مگر ان بابت ڪوبه خاطر خواه نشان نه ٿو ملي. اهڙيون گهڻيون ٻي تربتون مليون، جن تي ڪتبا لڳل نه هئا. هاڻي رڳو ٽن اتر جي پاسي، جتي چام نظام الدين جو عاليشان منقش مقبرو آهي. بهتر آهي ته پهرين

هن مقبره جي مضافات جو احوال ڏجي. مقبره جي اترئين پاسي واري پٽ تي، هڪ عبارت لکيل آهي، جا پڻ سلطان نظام الدين بابت آهي. مگر وڏو مزو هي آهي، جو هن عبارت ۾ تاريخي خزانو آهي، ۽ نظام الدين جي نسب جو پورو آئينو آهي. هي ڪتبو، سيني تاريخ جي ڪتابن کان وڌيڪ محقق آهي. سچ ته اهو آهي ته ان مطابق ڄام ننده جو نسب سمجهڻ گهرجي. اڳوڻن صحيح تاريخن جي مدنظر ڄام نظام الدين جو شجرو هن طرح آهي:

"ڄام نظام الدين بن ڄام بابينه بن ڄام انڙ بن ڄام صلاح الدين بن ڄام تماچي بن ڄام خيرالدين بن ڄام تماچي بن ڄام انڙ."

مگر هن ڪتبي ۾، شجرو حسب ذيل طرح ڄاڻايو ويو آهي:

"ابوالفتح سلطان فيروز شاهه، سلطان نظام الدين بن سلطان صدرالدين شاه بن سلطان صلاح الدين شاه بن سلطان رڪن الدين بن شاه فيروز الدين."

ٿي سگهي ٿو ته ڄام بابينه جو لقب صدرالدين شاه هجي، مگر ڄام بابينه پٽ ڄام انڙ جو ۽ پوٽو ڄام صلاح الدين جو ڏيکاريو ويو آهي. مگر موجوده ڪتبي موجب صدرالدين، ڄام صلاح الدين جو پٽ آهي. هن حقيقت ڏي اڄ ڏينهن تائين مورخن جو ڪوبه توجه نه ويو آهي. هي بندو تاريخ جي هڪ طالب العلم جي حيثيت مان سيني معزز مورخن جو ڌيان هن طرف ڇڪائي ٿو.

چام ننده جي مقبره جي اترئين پاسي، هڪ تربت آهي. ان جي اتر اولهه واري پر ۾، هڪ رانڪ آهي، جنهن ۾ ٻه تربتون وڏيون آهن، ۽ هڪ ننڍي "تحفة الڪرام" ۽ "تحفة الطاهرين" جي لکيتن موجب چام تماچي ثاني، ۽ مائي گندري جون تربتون حضرت شيخ حماد جماليءَ جي پويان آهن. مگر الوحيد آزاد نمبر ١٩٣٥ع واري لکيو آهي ته هاڻي نام و نشان ڪونهي. بنده جي ناقص راءِ مطابق هن رانڪ ۾، سنڌ جي سدا سونهاري سچي عاشق چام تماچي ثاني، ۽ سندس پياري پٽ راڻي گندري جون تربتون آهن. وچ ۾ هڪ ننڍي قبر آهي، جا انهن ٻنهي عاشقن جي راس جو وياج آهي. هن جي آتر ۾ شيخ حماد جمالي سونهارو ولي جي ڏٿل متبري جا آثار آهن. انهيءَ جي اولهه ۾ وڏي مسجد آهي. هن مسجد جي لڳ، اولهه ۾، هڪ سيرن جي ٺهيل قبر آهي، جنهن جي پرسان، مسجد جي اولاهين پت تي، هٿ سان "مائي مڪلي" لکيل آهي. مگر هيءَ تربت "مائي مڪلي" جي نه آهي. مسجد جي آتر اولهه طرف هڪ خوبصورت پٿر جي چوڪنڊي آهي، جنهن جي اندر هن نامور خاتون "مائي مڪلي" جي تربت آهي. نقشي ۾ به ائين ڄاڻايل آهي. ان چوڪنڊي جي اولهه ۾، وري ساڳي نموني جي ٻي چوڪنڊي آهي، جا شڪسته حالت ۾ آهي. مذڪوره مسجد ۽ چام نندي جي مقبره جي وچ ۾ به ٻين ڪن شڪسته حال رانڪن جا آثار ملن ٿا. انهن سڀني رانڪن

پڇي پيو آهي. بنده جڏهن ١٩٤٣ع ۾ مڪليءَ جو سير ڪيو هو تہ سارو ڪتبو سالم هو؛ مگر افسوس تہ زماني جي ظالم هٿن، هن ڪتبي کي بہ نہ ڇڏيو. جيڪي لفظ بيٺل آهن، تن جو ترجمو هي آهي:

"يا الله، تنهنجي رحمت ۾ اميدوار سلطان جو هي مقام مغفور و مرحوم سلطان نظام الدين پٽ سلطان صدرالدين."

هت هي بہ ظاهر ٿيندو تہ سلطان جي والد جو نالو صدرالدين لکيو ويو آهي ۽ نہ ڄام بابينو جيئن تاريخن ۾ مذڪوره آهي. مان مٿي ٻڌائي آيو آهيان تہ صدرالدين ڄام بابيني جو لقب هو، جيئن مغلن حاڪمن جا لقب، سندن نالن کان ڌار هئا. مثلاً: بابر جو ظهيرالدين، همايون جو نصيرالدين وغيره.

سمن جي آرامگاه ڏي ايندي، رستي ۾ ٻريان، هڪ قبو اسان کي ڏسڻ ۾ آيو، جو اڪيلو هو. هن کي سڏيندا آهن "سچو قبو". نقشي ۾ بہ ائين لکيل آهي. پهرين تہ اسان هن کي سچي پچي سچو سمجهي، ڇڏي ڏيڻ جو خيال ڪيو، مگر دوستن جي اصرار ڪري، اسين هن طرف وياسين. وڃون تہ سبحان الله! هي مقبره پنهنجي اندر، زماني جا مهمير لڪائي ويٺو آهي، ان ۾ ڪي زنانيون ۽ ڪي مردانيون قبرون هيون. مان شايد پڙهندڙن کي نہ ڄاڻايو آهي تہ ان زماني جي مردانہ ۽ زنانہ قبرن ۾ تفاوت آهي. مردانہ قبرون

وڏيون آهن ۽ زنانه ڌرتيءَ جي سطح کان تمام ٿورو مٿي آهن. دروازي تي بهترين ڪتبو لڳل هو، جو گهڻي وقت گذرڻ ڪري، گهڻو ميسارجي ويو آهي. باقي جيڪو ڪجهه اسان کي معلوم ٿيو، تنهن مان هي اخذ ڪري سگهجي ٿو ته هي مقبره ڪنهن معزز خاتون سمياڻي بنام آسامه جو آهي. سنه ۹۰۸هه ڏيکاريل آهي، جو ڄام نندي جي حڪومت جو وقت آهي ۽ ڄاڪاڻ ته ڄام صاحب جي فوت ٿيڻ جو سنه ۹۱۴هه (مطابق ۱۵۰۸ع) تحقيق طرح ڄاڻايو ويو آهي، ورنه سندس حڪومت بابت گهڻيئي روايتون آهن. ڪن مورخن جو خيال آهي ۴۳ سال، ڪن جو ۶۳ سال ۽ ڪن جو ۴۷ سال، مگر تحقيق مطابق ۴۳ ۽ ۵۰ جي وچ ۾ آهي.

آخر قارئين ڪرام جو خيال هن حقيقت ڏي ورائڻ چاهيان ٿو ته سمن جي ڏينهن ۾، عربي زبان عروج جي چوٽيءَ تي پهتل هئي. سمن جي سمي ۾، اسان کي ڪيترا عالم متبحر معلوم ٿين ٿا، جن عربي زبان جي ترويج لاءِ، هزارين تصانيف زيب قلم ڪيون. هن ڪري عربي زبان جو اهڙو زور هو، جو گهڻو ڪري سمن جي مرقدن جا ڪتبا، عربي عبارت ۾ اڪريل آهن. مگر ڪن ڪتبن ۾، اهڙا عربي الفاظ ڪم آندل آهن، جي ڏاڍا فصيح ۽ بليغ آهن. قبر جي بدران هڪ لفظ "مضجع" ڪم آندو ويو آهي، جو استادي محترم پروفيسر جلباڻي صاحب جي راءِ مطابق تمام فصيح آهي.

# سمن ڳان وڏي، شيخ جيئي تائين

اسان اوهان کي، چام مبارڪ جي قبي وٽ وٺي هلون ٿا، جتان اسان ڏکڻ طرف رخ رکون ٿا. پهريائين اسان، ڏکڻ طرف رخ رکون ٿا. پهريائين اسان کي هڪ چوکنڊي ڏسڻ ۾ ايندي، جنهن ۾ هڪ مٿاهون ٿلهو آهي، ان ۾ ۱۳ قبرون آهن. هي ترخاني خاندان وارن جون قبرون آهن. انهن مان مشهور هي آهن:-

۱. مير سليمان بن مرزا عيسيٰ ۹۶۴هه.

۲. وفات بيگ جان بنت مرزا عيسيٰ خان ۹۶۳هه.

۳. ترسون بيگ بنت مرزا عيسيٰ خان جمادي الاول ۹۶۲ هه.

۴. امير مرحوم خيرالله خان ۹۴۹هه.

هن چوکنڊيءَ کان ٿورو ڏکڻ طرف هلبو ته ڪيترييون قبرون اوير خواهه اولهه طرف پٿاريل نظر ايندييون، جن مان گهڻن جا ڪتبا ميساريل آهن. جن جا ڪتبا چٽا هئا، تن مان قابل ديد هي آهن:-

(۱) وفات مغفوره مرحومه بيگم خان بيگ ۹۴۹هه.

(۲) وفات يافت مرحومه و مغفوره شهربانو بيگ بنت امير شاهم علي ارغون ۹۶۵هه. هن کان ٿورو اڳيرو

اسان کي هڪ خوبصورت چوڪنڊي با محراب ڏسڻ ۾ آئي، جنهن ۾ تربتون سڀ بي ڪتبي هيون. اڳتي هلياسين ته هڪ رانڪ نظر آئي، جنهن ۾ سلطان قلي بن مقيم بيگ جي تُربت ۽ هن جي متعلقن جون سڪونت گاهون هيون. سلطان قلي جي تربت تي وفات جو سن جمادي الاول ١٠٠١ھ لکيل هو. هي صاحب شاهه بيگ جي فوج جو اعليٰ عملدار هو. هن رانڪ جي ڏکڻ اوڀر ۾ ڪي تُربتون ترخاني اميرن جون معلوم ٿيون، جن مان قابل ذڪر هي آهن:-

امير محمود بيگ ترخان چهاردهم جمادي الاآخر روز شنبه ٩٦٥ھ. ڏکڻ اولهه جي طرف وري عالشيان مقبرو ڏسڻ ۾ آيو، جو تمام شڪسته حال ۾ پيو هو. هن ۾ هڪ تربت باقي هئي ۽ بيي منهدم. پهريائين ته اسان کي ڪوبه ڪتبو نظر نه آيو، مگر پوءِ گهڻي مشڪل بعد محراب جي مٿان عربي ۾ لکيل هڪ ڪتبو معلوم ٿيو، جنهن جو ترجمو هي آهي، ”خاص ماڻهن جو بادشاهه ملڪ ڪائوس (Kaus) سلطان فوت ٿيو ٩١٩ھ.“ هن جي اوڀر طرف احمد درويش جو مقبرو آهي، جو وڏو ولي الله ٿي گذريو آهي ۽ اولهه طرف جمن جتيءَ جو مقبرو آهي، جو به ڪامل ولي ٿي گذريو آهي. ڏکڻ طرف ٿورو اڳيرو هلياسين ته اسان کي لوڏي ۽ شڪرالاهي ساداتن جا مقام نظر چڙهيا. هي سادات به ٺٽي جي ساداتن جي مکيه ڪڙي آهن. اڃا ته هن جي خاندان مان ڪجهه واقف ٿيون.

لوڌي سيد ماڙنداني ۾ سڏبا آهن، ڇو ته سنڌن خاندان جو پهريون شخص سيد بدرالدين ماڙندران ماڻ نڪري، ٩٦٧ هه ۾ سمنڊ جي رستي ديول بندر وٽان لٿي ۾ آيو ۽ ساڪوره يعني ساڪره جي پرڳڻي جي هالن جي ڳوٺ ۾ پهتو، جتي سيد سلطان شاهه برقعي پوش رهندو هو، جنهن کي لوڌي چوندا هئا. هن صاحب جي نياڻيءَ سان سيد بدرالدين جو عقد ٿيو.

شڪرالاهي سيدن جو وڏو قاضي سيد شڪرالله ولد سيد وجه الدين ٩٠٦ هه ۾ هرات مان قنڌار ۾ آيو ۽ اتان ٩٢٧ هه ۾ ٺٽي ۾ آيو ۽ شاهه حسن جي زماني ۾ اتان جو قاضي مقرر ٿيو. هن مقام جي ڏکڻ اوڀر طرف وري امير سلطان محمود بن امير سلطان تيمور وفات ذوالحج ١٠٢١ هه جي تربت آهي. هيءَ هڪ دڙي تي واقع آهي. هن دڙي جي ڏکڻ اوڀر پاسي، نڪريءَ جي اوڀرندي وارِيءَ وٽ وٽ، ٽوهرن جي وچ ۾ هڪ ڊٺل چوڪنڊي آهي، جنهن ۾ ٽي تربتون آهن. وچين تمام وڏي، اوڀر واري ٿوري ننڍي ۽ اولهه واري صفا ننڍي بي ڪتبه آهي، اهڙيون ڊگهيون ۽ چوڙيون تربتون اسان کي ڪٿي به نظر نه آيون. هن مان معلوم ٿيو ته هي، ڪن بزرگ ترين شخصيات جون آهن، هڪ طرف ٽوهرن جي وڻن سان وڪوڙيل ۽ ٻئي طرف مائي مٺيءَ جي گوڏ ۾ قراريل هيون. تنهنڪري اسان کي بيلچي ۽ ڪهاڙيءَ جي مدد وٺڻي پئي. ٿوري وقت کان پوءِ، پاهر ڪڍي، نروار

ڪيون ويون. سبحان الله! بهترين ڪتبا اڪريل هئا. وڏيءَ قبر تي اڪريل هو:

”شيخ برهان الملة والدين جنيد ابن شيخ الاسلام عبداللطيف هاشمي گازروني وفات ١٤ جمادي الثاني ٩٠٧ هه ٻي قبر سندس لخت-جگر شيخ يحيٰ بن سيد المشائخ جنيد وفات ١٥ رمضان ٩١٩ هه“ جي هئي. هي اسان جي نين نصرتن مان هڪ نصرت هئي، جو اهڙن بزرگ شخصيتن جون مرقدون لڌيونسين، جي اڳ گمناميءَ جي گوشي ۾ لڪل هيون. قديم نقشي مطابق امير سلطان جي ذڪڻ اولهه ۾ پير قادريءَ جو قبو آهي. اهو به اسان جي نظر مان گذريو، مگر بنا ڪنهن ڪتبي جي هو. مذڪور ٻن وڏين تربتن جي ذڪڻ اولهه، ٻين ٻن قبرن جا نشان هئا، جن مان هڪ تي هي ڪتبو نظر آيو: ”وفات يافت عاليجاه حڪومت بنده سعادت امير محمد يامين بن امير مغفور مرحوم مير محمد سنه ميساريل. هو. هن مان گڏ ٻي قبر شايد مير محمد خان جي هجي، جا شڪسته حال هئي. قديم نقشي مطابق مير محمد خان جي تربت چاڻائي وٺي آهي ۽ سن. وفات ١٠٢١ هه آهي. ذڪڻ طرف هڪ پڪي قبر تَلهي تي آهي، جنهن تي هي ڪتبو اڪريل آهي.

”امير اعظم امير خضر بن ابراهيم محرم ٩١٨ هه ۾ فوت ٿيو.“

هن بعد اولهه ذڪڻ طرف اڳيرو وڌياسين ته مسجد جهڙي هڪ چوڪنڊي، وڏي مقام جي وچ ۾ آئي.

اسان جي سُونهي جي چوڻ مطابق، هي مقام شيخ بهاؤالدين ملتاني جي متعلقن جو آهي؛ مگر قديم نقشي مطابق، هي مقام ميران پير بغداديءَ جو آهي ۽ هن ۾ مشهور رتو- قبو شاهه عبدالمجيد جو آهي. هن جي پڊ ۾ وري شاهه عبدالودود جي مرقد آهي. هن جي ڏکڻ اولهه طرف شيخ جيئي جو قبو ۽ سندس چوڌاري وڏو مقام آهي. هن قبي جي اندر ڪيتريون تربتون هيون، وچ واري تربت شيخ نعمت الله جي هئي، جو شيخ جيئي جو والد آهي. هيءُ صاحب شيخ بهاؤالدين ملتانيءَ جي اولاد مان هو. سمن جي حڪومت ۾ ٺٽي ۾ آيو ۽ اتي ئي گذاريو. سندس پٽ شيخ جيئو، قبي ۾ پنيءَ جي ڏکڻ ۾ رکيل آهي. شيخ جيئو رياضت ۽ ڪرامت ڪري، ايترو ته مشهور ٿي ويو، جو ڪيس "مڪلي جو ڏيئو" ڪري چوندا آهن.

ماهه پهرين سومار تي هر مهيني مٿس ميڙو لڳندو آهي . مريد، رات جو هت اچي، جاڳندا آهن ۽ وجد ۽ سماع ڪندا آهن. شيخ جيئي جي اپرندي ميان لعل جي قبر آهي، جو چون ٿا ته قلندر شهباز جو عزيز آهي. شيخ جيئو جيئن ته ولي ڪامل هو، تيئن هن جي مضافات ۾ اميرن خواهه غريبن جون الاهي قبرون آهن، ضروري آهي ته انهيءَ وڏي مقام مان، ڪن قبرن جي صاحبن جو ذڪر ڪجي. قبي جي اوپر ۾ پنج ٿلها آهن. پهرئين ٿلهي تي پنج قبرون آهن جي هي آهن.

(١) امير ايال بيگ بن امير حسن بيگ ١١ ماهہ صفر ٩٦٦ هہ.
(٢) حاجي امير محمد باقر بن امير محمد مقيم ٢٠- ربيع الاول ٩٦٦ هہ.
(٣) خالي (٤) امير سيد انتساب علي بن مرحوم امير محمد باقر ماهہ ربيع الاول ٩٦٧ هہ. (٥) امير سيد جلال الدين بن عبدالله بن سيد حبيب الله بن امير سيد علي هروي ٢٢ شوال ٩٤٤هہ.

ٻئي ٽلهي تي ٽي قبرون هيون، جن ۾ امير حسن بيگ ٩٧١ هہ ۾ انجا متعلق مدفون ٿيل آهن.

ٽين نمبر ٽلهي تسي ٥ قبرون هيون، جن ۾ امير محمد قلي بن عبدالصمد ترخان وفات سنہ ٩٤٦ هہ ۾ ان جا عزيز پوريل هئا.

ٽلهي نمبر چوٿين ۾ هڪ مستوره بنام احمد بيگ سن وفات ١٠٣٢ هہ جي تربت هئي.

ٽلهي نمبر ٥ ۾، ٻہ تربتون، تن مان هڪ خالي ۽ ٻي فخر جهان ابوالمحمد مرزا وفات ٢٧ رمضان ٩٥٠ هہ جي تربت آهي.

قبي جي اتر اولهہ ۾ ڪيتريون پٿر جون قبرون آهن: جن مان ڪي ڪتبن کان سواءِ ۽ ڪي ڪتبن سان آهن. انهن مان مکيہ تربت اسان هيٺ ڏئي:

امير عليڪه بن عالي جناب ايال بيگ علي ارغون سنہ ٩٥٤ هہ قبي جي پرسان ڏکڻ خواهہ ڏکڻ اوڀر

او تاري جي ير ۾ ڪيترين سنگين قبرون ڪتبن سان آهن۔ ڪن تي تمام سهڻا بيت اڪريل آهن، انهن مان ٻه پڙهندڙن ڪرام جي حظ خاطر هت پيش خدمت ڪريان ٿو۔

رفت از اينجا آن نياز ِ نوجوان
مرغ ِ روح ِ او سوي عقبیٰ شده
سال ِ فوتش را چون جستم عقل گفت
"او مقيم ِ جنت اعلیٰ شده"

---

چون آن امير ِ کبير از جهان بايمان رفت
رساند چون قبرش ز نور چند طبق
دبير عقل روان گفت سال ِ تاريخش
بود زمانه وفات اينکه نيکه نسق سبق

( ٥ )

## شيخ جيئي ڪان سيد عبدالله تائين

اوهان صاحبن، سمن جي سڪونت گاه ڪان وٺي شيخ جيئي تائين سارو بيان پڙهيو. شيخ جيئي جي مقبري جي آسپاس جو به ڪجهه احوال ڏنو ويو هو. اڄ وري اسان اوهان کي اڳيرو وٺي هلون ٿا، جنهن سڪليءَ جي ٽڪريءَ جو اسان اڄ ذڪر ڪريون ٿا، سو به اڳوڻي ٽڪر کان ڪنهن حالت ۾ گهٽ نه آهي. پاڻ هن ۾ قبرن جو تعداد گهٽو هو. مگر اختصار کان ڪم وٺي، مضمون کي وقت اندر پورو ڪبو. شيخ جيئي جي مقبري کان ڏکڻ اولهه هڪ عجيب و غريب آثاس عمارت نظر آئي يعني اٺ ڪُنبڌي عمارت، جا دنيا جي بي ثباتيءَ تي ماتم ڪري رهي هئي. هن جا بلند نشان ڪنهن ڪنهن هنڌ ڪاشيءَ جي ڪاريگريءَ مان پڌرا هئا. هن جي ڪنڊن ۾ به ٽنڊا چار اڏاس هئا، ۽ چار وڏا دروازا هئا، ۽ چار ٽنڊا. هن کي "چار دري محل" به سڏي سگهجي ٿو. هن ۾ اندر ڪي ڊٺل قبرون هيون. مقام جي سرڪاري چوڪيدار کان معلوم ٿيو ته ڪنهن بادشاهه جي پٽ راڻيءَ جو محل هو. ڏکڻ طرف وري هڪ وڏي قبر مناري سان ڏسڻ ۾ آئي، مگر هن تي ڪو به ڪتبو نه هو.

مسجد جو محراب ٺهيل هو، جنهن تي قرآن شريف جي هڪ آيت ١٠٩٧هه سان اڪريل هئي. اندر ٻي تربتون هيون، جن مان هڪ جي مٿان ڪلمو شريف ۽ هي اکر نظر آيا:

"ڪتبه سيد علي ١٠٩٧هه." انهيءَ محل جي اولهه ۾ پوراني سادات جو قبرستان آهي، جنهن ۾ ٻين صاحبن سان گڏ پوراني سادات جي بزرگ شخص شيخ عبدالوهاب پوراني جي قبر آهي، جنهن جي وفات شعبان ٩٧٣هه ۾ ٿي. هي اهو صاحب آهي، جو مرزا باقي جي ظلم جو شڪار ٿيو. هن قبر جي ڏکڻ ۾، چار تربتون آهن، جن مان ٻه خالي ۽ ٻه ڪتبن سان هيون. پهرين تربت غياث الدين محمد بن عبدالله هروي جي هئي، جنهن جي اولاهين ۽ اوڀارين پاسي هي ڪتبا لکيل هئا:

"دلا زنهار ازين چرخِ ستمگار
کہ آئينِ وفا و مهر کم جو
بسی را داغ حسرت انـد بر دل
اجل کزوي در افغانند هر سوه
غياث الدين محمد نو گل دهـر
کہ بودی طوطي طبعش سخن گر
غـريقِ رحمت حق بـاد يارب
کہ بود او را بسے اوصـاف نيکو
خـرد تاريخ فـوتش جست گفتم
بهشتِ جـاودانیِ مسـکـن او."

ٻي تربت خالي آهي. ٽين تربت تي ھي اکر اڪريل هئا. "وفات ڪرد خواجه عبدالله بن خواجه علي شاه هروي ۹۶۴ھ." چوٿين قبر خالي هئي. انهيءَ مقام جي اوڀر اتر طرف، هڪ ٻيو مقام ڏسڻ ۾ آيو، جنهن ۾ ۹ قبرون هيون، جنهن ۾ سنڌ جي مشهور بزرگ سيد ابوالمڪارم جا ڪي مائٽ هئا. قبرون هن طرح هيون: (۱) وفات يافت خانم قريش ۱۰۱۴ھ. (۲) وفات يافت مرحومه فخرالنساء مريم خانم والده اميرخان بن مغفور و مبرور سيد ابوالمڪارم سلطان تاريخ ۱۴ صفر سن ۱۰۲۵ھ (ھي سن چٽو نه ھو، ٻيو سن ۱۰۰۳ھ معلوم ٿيو). ڏکڻ طرف ست قبرون هيون. پهرين مرحومه صالحه ساجده بيگم بنت مرحوم و مغفور وفات اربع ماه رجب ۱۰۱۲ھ، ٻيو نمبر خالي، ٽيون نمبر سيد عبدالله وفات محرم ۱۰۰۶ھ. چوٿون نمبر خالي، پنجين نِنڍڙي. ڇهين شهزاده خانم بنت امير سيد ابوالمڪارم وفات ۱۰۰۸ھ. ستين قبر: وفات يافت خورده خانم بنت سيد امير مير خورد ماه صفر ۱۰۹۸ھ. اوڀر طرف معروف ميرڪي ساداتن جو مقام آهي، جنهن ۾ ڪيترين ئي تربتون هيون، پهرين صف ۾ اسان ڪي ۹ تربتون ڏسڻ ۾ آيون، جي هن طرح آهن: پهرين تربت خالي، ٻي تي هي منظوم ڪتبو لڳل آهي:

"ميرڪ چو هميشه شد بگفتم" باخامه ڪه آن سال نوشتي،
گفتا ڪه نوشتم و برآمد، تاريخ ز "ميرڪ بهشتي."

ٽين خالي، چوٿين خالي، پنجين قبر تي هيٺيون دلچسپ ڪتبو لڳل آهي:

”عيد قربان زهي ماتم آن شهه ڪه زحق
هديه هردم بسر ترتب او باد درود
سال تاريخ ندا داد بگوشم هاتف“
”هادي اهل ڪرم يافت ”مقام محمود.“

١٠٨٦ هه

ستين خالي. اٺين قبر تي هي ڪتبو لڳل هو:

”هذا قبر ميرڪ محمود پوراني ١٠٥٤ هه.“

نائين تربت مشهور اديب مير عبدالباقي جي آهي، جنهن تي وڏو سهڻو ڪتبو منظوم اڪريل هو، جنهن جي آخرين سٽ آهي.

”سال تاريخ وفاتش را چون جستم عقل گفت
مير عبدالباقي آسوده فردوس نعم

١٠٥٨ هه

اوڀر پاسي مٽي ٿلهو آهي، جنهن تي هڪ زناني تربت آهي، جنهن تي هي لفظ اڪريل آهن: سيده تاج النساء آچر ١١ رجب ٩٧٠ هه. پرسان ٻئي ٿلهي تي ٻي قبر آهي، جا سلطان محمود بن امير محمود بن سيد غياث الدين محمود وفات ٤ محرم ٩٦٠ هه جي آهي. اوڀر طرف وري اسان کي خواجگان جي مشهور قبيلي جون تربتون نظر چڙهيون، جن مان سڪيم تربتون ڄاڻائجن ٿيون.

۱- خواجه شمس الدين محمد بن خواجه محمد خراساني ۹۶۹ هه.

۲- خواجه ابراهيم بن خواجه حاجي عرب رجب ۹۸۳ هه.

وات تي شيخ جيئي کان عبدالله شاهه ڏانهن ايندي، رستي تي اسان متفرق قبرون ڏٺيون، جن مان مکيه هي آهن:

(۱) بي بي بزرگوار حمراء بنت امير وقاص ارغون وفات ۹۶۹ هه.

(۲) غلام حسين بن پيرداد سوداگر وفات ۱۶ شعبان ۱۱۱۷هه.

(۳) امير فقير محمد شرف وفات رجب ۹۷۶ هه.

(۴) شيخ شاهه محمد ملازم نواب خانه زاد خان ساکن لاهور وفات ۲۷ شوال ۱۰۹۵ هه.

عبدالله شاهه جي اتر ۾ سيد طاهر بهشتي، تاريخ طاهريءَ جي مصنف جي تربت آهي. اتي هاڻي سائي نموني جي چڱي مسجد زير تعمير آهي. ان سائي مسجد جي عمارت جي اتر اولهه، اسان چند قبرون ڏٺيون، جن مان ڪي هي آهن:

(۱) خواجه نورالدين محمد بن خواجه احمد وفات روز خميس ۹۷۱ هه.

(۲) هڪ تربت بي نام، پر سنه وفات ۹۹۴ هه.

(۳) هڪ قبر، جنهن تي هڪ ڪتبو لکيل هو:

بهر تاريخ او دبير خرد،
رفت از رسان صفيءِ گفتار.

---

۹۰۰۶ هه.

عبدالله شاھہ جي لڳ، ھڪ مينگاريل ننڍي مسجد آھي، جنھن تي ھڪ جھونو ڪتبو نظر آيو، جو ھي آھي:

”سرفراز شد احمد از مصطفیٰ، بنا کرد مسجد بنام خدا، بغیر از عبادت نباشد د رو، بود قبه اش پرز نور و ضیا، خدایش شرف داد وعزو قبول، کہ تا ھست دوران بماند بجا، فیض مسجد کہ ازیک دعا، شود حاجت مستمندان روا“

سيد عبدالله شاھہ جيلاني سيد آھي ۽ جيئن تہ گجرات ۾ ڪجھہ وقت رھيو آھي، تيئن ڪيس گجراتي بہ سڏيندا آھن. چون ٿا تہ سندس قبر ڪجھہ وقت لاءِ گمنام رھي، مگر عبدالله شاھہ جي مجاور ڪان، جا اھا روايت ھن بابت معلوم ٿي، سا ھيءَ آھي:

”جيلاني بادشاھہ جي تربت گمنام ھئي. پوءِ مخدوم نوح (رح) جي قبر جا نشان لھي، آتي پٿر قائم ڪيا، ۽ ان صاحب جا ساٿي پيران پير طرفان يوسف ۽ پيا فقير داد، سيد پير عالي، پير پنو ۽ چڻن بري ھئا.“

ان روايت جي، ”سنڌ جا قديم شھر ۽ ماڻھو“ (مرزا قليچ بيگ) جي ڪتاب ۾ مخالفت ڪيل آھي.

مرزا قليچ بيگ وري پيا وليءَ بڌايا آھن. ھن واليءَ جي منٽيءَ لاءِ، ھي مثل مشھور آھي تہ ”پرجيئي نٿي.“

عبدالله شاھہ جي صحن ۾ بہ ڪي قبرون آھن، جن مان چند ھي آھن:

(۱) فقير خمير عثمان ولد يوسف وفات صفر ۱۰۹۸ هه
(۲) علي محمد وفات ۱۰۹۰ هه
(۳) مرحوم عيسيٰ جمعه ۱۵ محرم ۹۵۶ هه
(۴) حاجي رمضان ۲۸ شوال ۱۱۱۱ هه
موجوده مزار بالڪل نئين آهي ۽ ان جي مٿان ۱۳۵۰ هه / ۱۹۳۱ع چاڙهايل آهي.

# شيخ جيئي جو مشرقي حصو ترخاني تاجدارن جو مقام

اي خاکے اگر سينهٔ تو بشگافند،
بس گوهرِ قيمتي که در سينهٔ تست.

(کتبه تربت مرزا عيسيٰ خان)

اوهان صاحبن عبدالله شاهه جي مقبره تائين احوال پڙهو. هن مضمون ۾ هن جي مشرقي حصي جو بيان پيش ڪيو وڃي ٿو.

عبدالله شاهه کان پوءِ اوڀر طرف ڏاڪڻ جي رستي ترخانن جي محلي ۾ وڃڻ ٿيو. هي سڄو ڏکر هيٺين حصي ۾ ورهائي سگهجي ٿو.

(١) مقبرو "هنشام بائي." هي پٿر جي چوڪنڊي آهي. ڏکڻ پاسي دروازو اٿس. دروازي خواهه ديوار تي تمام سهڻا چٽ چٽيل آهن. مقبرو پراڻي ڊوري جي ڪناري تي اڏيل آهي. اندر پٿر جو پليٽ فارم آهي. اولهه واري ديوار ۾ سهڻن چٽن سان محراب آهي. اندر ٽي تربتون آهن. وچين تربت "هنشام بائي" جي چئي وڃي ٿي، ۽ هن تي سن وفات ٩٩٤ هه (١٥٨٦) اڪريل آهي.

٢- اولهه واري ننڍي هئي، جنهن تي لفظ چٽا نه هئا، ته به جو معلوم ڪيو ويو، سو هي هو ته "وفات يافت مرزا فتح بن شاه."

٣- اوڀر واري وڏي تربت فتح رائي (سن وفات ١٠٠٠هه) جي هئي.

(٢) مقبره مرزا محمد باقي ترخان ١١٨٤هه. مذڪور مقبري جي اتر ۾، ٿوري مفاصلي تي هڪ وڏو سنگين صحن آهي، جنهن ۾ چار حصا آهن. اندر دروازي کان گهڙياسين ته اسان کي ساڄي پاسي هڪ زنانو مقام نظر آيو، جنهن ۾ پنج قبرون هيون، جن مان پيو نمبر قبر سنڌ جي سرت واري سورمي ماه بيگم جي هئي، جنهن تي سن ١٠١٤هه اڪريل هو. بيبي ماه بيگم شاه ارغون جي ڀاءُ مرزا محمد مقيم جي ڌيءُ هئي. مرزا محمد بابر مغل، قنڌار هٿ ڪرڻ وقت بيگم کي ورتي، وڃي ڪابل ۾ قيد ڪيو ۽ ڪجهه وقت کان پوءِ پنهنجي امير محمد قاسم ڪوڪه سان شادي ڪرائي ڇڏيائينس، جنهن مان کيس ناهيد بيگم پيدا ٿي. ڪنهن به طرح هوءَ وري پنهنجي چاچي وٽ پهچي وئي ۽ جڏهن سنڌ ۾ اڳيون مڙس محمد قاسم ازبڪن جي جنگ ۾ قتل ٿي ويو، تڏهن ماه بيگم جو نڪاح مرزا شاهه بيگ جي فرزند مرزا شاهه حسن سان ٿيو. مرزا شاهه حسن جي انتقال کان پوءِ وري مرزا عيسيٰ ترخان اول، هن کي عقد نڪاح ۾ آندو ۽ هي مرزا محمد باقي

بن مرزا محمد عيسىٰ جي ظلمن جو شڪار ٿي، قيد ۾ فوت ٿي ويو. تاريخ جي ڪتابن ۾ اهو سن ٩٧٨هه/ ١٥٧٠ع ڄاڻايل آهي، مگر خبر ناهي ته سنڌس تربت تي ١٠١٤هه الائي ڪيئن اڪريل آهي، جو وقت، مرزا خان خانان جي سنڌ فتح ڪرڻ کان پوءِ جو آهي. پرسان دروازي مان پيو حصو شروع ٿئي ٿو. اندر ڪليل ٿلهو آهي. هن تي ست قبرون آهن ۽ چار ڪچ جون ديرينه اضافو ٿيل آهن، مگر هي بہ زنانو مقام هو. گهڻن جا ڪتبا صاف ميٽيل هئا، مگر جن جا ظاهر هئا، سي هي آهن:

١- وفات ارغون بيگم بنت امير محمد علي ارغون سنه ١٠٠٩هه.

٢- بيگم گل سلطانه سنه ١٠٠٦هه.

ٽيون نمبر وچين حصي ۾، چوديواري اندر، پنج قبرون آهن، جي هيٺئين طرح آهن:

١- صاحبزاده شاه رُخ بن محمد باقي ترخان تاريخ ٩٩٢هه (پاڪستان گائيڊ ۾ ٩٩٣ ڏيکاريل آهي، جو درست نه آهي).

٢- مرزا محمد باقي بن محمد عيسىٰ ترخان تاريخ روز خميس ٨-شوال ٩٩٣هه (آڪٽوبر ١٥٨٥ع).

٣- ابوالفتح بن مرزا غازي بيگ ترخان (١٠٠٠هه) مگر هي سن صاف نه هو.

۴- وفات مرزا عبدالعلي ۹ رجب ۱۰۴۰ھ۔

۵- نمبر خالي آهي. چوٿين حصي ۾ ذڪر ۾ اٺن ٿنڀن واري قبي آهي، جنهن ۾ بديع الزمان بن شاه رخ ۹۹۹ھ جي تربت آهي. اولهه طرف به اهڙي ساڳئي ڇٽي آهي، مگر هن تي ڪوبه ڪتبو اڪريل نه آهي. محراب جي پڊ ۾ ٻاهر هڪ تربت هئي، مگر آها به خالي هئي. سامهون اتر ڏي هڪ وڏو ٿلهو هو، جنهن تي چار سڄيون تربتون ۽ انڪل اٺ ڀڳل ٽٽل هيون، مگر هي اڪثر بنا ڪتبي هيون. هن جي اتر ۾ وري ٻيو ٿلهو هو، جنهن تي ڇهه وڏيون پٿر جون قبرون هيون، جن مان مکيه قبر هي هئي:

۱- منير بن مرزا مير بيگ ترخان تاريخ شهر ربيع الاول ۱۰۲۲ھ۔

اتر اولهه طرف ٻيو ٿلهو آهي، جنهن ۾ خوبصورت محراب آهي. هن ۾ ٽي قبرون آهن، جن مان مکيه قبر هيءَ آهي:

مرزا احمد شاهه بن انيس خان تاريخ ۱۰۰۸ھ۔

اوڀر طرف هڪ قبر، ڪنهن جي پرسان آهي، جنهن تي هي ڪتبو اڪريل آهي:

”وفات يافت صالحه مرحومه بيبي گل اندام ۱۰۳۰ھ۔“

مقبره مرزا عيسيٰ ترخان اول جي ذڪر ۾ اولهه هڪ ٻيو ٿلهو نظر آيو، جنهن ۾ ڇهه قبرون ظاهر هيون. چار تربتون هڪ قطار ۾ ۽ به هنن جي پٺيان. انهن مان مکيه هي آهن:

١- فيض سلطان شهيد شهر رمضان ٩٧٦ ھ ٢ تاريخ شهادت جواد العليِ مهر علي ٩٧٦ ھ.

مقبره مرزا عيسيٰ ترخان اول: آثار قديمہ جي کاتي وارن تہ هن مقبري جي ٻاهران سن وفات ١٥٦٧ع هڻي ڇڏيو آهي. مگر مرزا عيسيٰ جي تاريخ وفات بحث هيٺ آهي جو هيٺين احوال مان ظاهر ٿيندو.

ترخاني مقام جي ڇيڙي تي عيسيٰ خان ترخان اول ڏاڪڻي سنڌ جي ترخان گهراڻي جي پهرين تاجدار جو مقبرو آهي. هيءَ وڏي ٿلهي تي جڙيل آهي ۽ هن جي چوڌاري سنگين ديوارون آيل آهن. هن جي پرسان سڪل نديءَ جو پيٽ معلوم ڪجي ٿو، جا ڪنهن ڏينهن هنن پٿن تان ڏاڍي آب و تاب سان وهندي هئي. هن جو مقبرو چؤديواريءَ اندر آهي ۽ هن جون پٿيون قرآن شريف جي آيتن ۽ فارسي بيتن سان چوڌاري سينگاريل آهن، جن جو مفصل ذڪر ”لب تاريخ“ جي مؤلف آندر آهي.

مان بہ ”مشت از خروار“ جي مصداق، بيتن جون چند سٽون خدمت ۾ پيش ڪيان ٿو. مقبره جي اولهہ پاسي وارن اشعارن جو مطلع هي آهي:

”افسوس ڪہ دور ڪامراني بگذشت،
دوران نشاط و شادماني بگذشت.“

ڏکڻ پاسي واري شعر جو مطلع هي آهي:

”مير سيد بيداد هر لحظہ اجل از دست،
داد از دست اجل قسم باد اجل از دست.“

قبر جي چوڌاري جي بيت اکريل آهن، تن جو پيو نمبر بيت مذکور عنوان جي هيٺان لکيو ويو آهي، تربت جي اڌو شيخ سعدي جو هيٺيون شعر اکريل آهي.

”غرض نقشيست کز ما ياد ماند
که دنيا رانمي بينم بقائي.“

قبر جي پٺيان جي اشعار لکيل آهن، انهن جو مطلع هي آهي:

”مشتاق آفتاب جمالِ محمديم،
ما بنده محمد و آلِ محمديم.“

تربت جي اولهہ ۾ جي اشعار آبدار اکريل آهن، تن ۾ سن تاريخ وفات آيل آهي، جو هن طرح آهي:

”بسال نهہ صد و هفتاد ونهہ سن هجري
جهان گذاشتہ بگرفت ملکِ جاويدان.“

هن مقبري جي اندر احاطي ۾ ڇهہ تربتون آهن. پهرين صف ۾ چار (ٽي وڏيون ۽ هک ننڍي) ۽ ٻہ پٺيان (هک ننڍي ۽ هک وڏي) کٻي پاسي کان جيئن ترتيبِ وار تربتون آهن سي هن طرح آهن:

١- هڪ ننڍي بنا ڪتبي، ٢- مرزا محمد پاينده بن محمد مرزا باقي. ماه صفر ١٠٠٣هه (پاڪستان گائيڊ ۾ ١٠٠٤هه/آڪٽوبر ١٥٥٥ع لکيل آهي).

٣- وفات حضرت جنت مڪاني حضرت مرزا محمد عيسيٰ عبدالعلي ترخان سنه ٩٧٣هه (١٥٦٥ع).

٤- ميرزائي زمانه ابراهيم آن خليل الله از فتون وجود سال هجرش چو آمده بشمار چهل و هفت از هزار افزون باد ١٠٤٧هه. "بندهٔ آل محمد".

٥- تاريخ بيست و دوم شعبان ١٠٧٩هه، ميان غالب فوت شد (فيبروري ١٦٦٩ع).

٦- ميرزا ابوالفتح.

هاڻي جيڪڏهن ميرزا محمد عيسيٰ اول جي وفات جي تاريخ ڏي نظر ڪبي ته اسان کي ڌار ڌار تاريخون معلوم ٿين ٿيون. ٻاهرين تختين مان اسان کي ١٥٦٧ع معلوم ٿيو. اندر بيت جي تاريخ وفات مان ٩٧٩هه معلوم ٿيو. بيگلارنامه موجب هن جو سن وفات ٩٩١هه آهي، ۽ سنڌ جي تاريخ محمد صديق "مسافر" جي تاليف مان ٩٧٤هه ۽ ١٥٦٦ع معلوم ٿئي ٿو، جنهن صاحب مرحوم قليچ بيگ جي تاريخ سنڌ مان ورتو آهي. مگر تاريخ سنڌ جلد ٢ جي حاشيه مان معلوم ٿئي ٿو ته تحفة الڪرام واري مرزا عيسيٰ جو سن وفات ٩٨٠هه (١٥٧٢ع) ڄاڻايو آهي، جو صحيح آهي؛ ڇو ته

شاهہ حسن ارغون ۹۶۲ھہ (۱۵۵۴ع) ۾ فوت ٿيو ۽
مرزا عيسيٰ ارڙهن سال حڪومت ڪري، پوءِ انتقال ڪيو.
”لب تاريخ“ واري به تربت واري لکيل سن کي
پين سنن تي وڌيڪ ترجيح ڏني آهي.

هن مقبري جي اتر ۾، ڪجهہ مفاصلي تي، قبرن
جو مجموعو ڏٺهي تي مٿيرو نظر ايندو، جن اسان جو
توجهہ ڇڪايو. اتي ڇهہ تربتون معلوم ٿيون، ٽي
وڏيون ۽ ٽي ننڍيون، وچينءَ وڏي ڪتبي ۽ پٿر واري
تي هي ڪتبو لڳل هو.

۱- شاهزاده عالميان شهيد ميرزا محمد عيسيٰ ترخان
تاريخ روز شنبہ و ماهہ شعبان سيوم ۹۷۰ھہ (اپريل ۱۵۶۳ع).
پاڪستان گائيڊ ۾ ۲ شعبان ڇاپيل آهي جو درست
نہ آهي.

۲- سڄي پاسي واري تربت تي هي اڪريل هو:
”مير محمد زاهد ترخان بن مرزا محمد دائود بن مرزا
عيسيٰ ترخان ۸ رجب ۹۶۶ھہ (مارچ ۱۵۵۹ع).

هي مرزا صالح، سيد جلال بن سيد عالي جو سهرو هو ۽
مريد بلوچ هٿان شهيد ٿيو، ڇاڪاڻ جو ان بلوچ جو
پيءُ، ميرزا محمد صالح جي هٿان مارايو ويو هو.

مرزا صالح جي اولهہ طرف هڪ عجيب و غريب
تربت ڀڳل ٽٽل حالت ۾ نظر آئي، جنهن جي ڪتبي
جو ڪجهہ حصو ڀڳل هو. ان مان گهڻيءَ ڪوشش
بعد، هيءَ معلوم ٿي سگهيو تہ: امير محمد فقيهہ ترخان

فرزند شير مسڪين ترخان شهيد در تاريخ رجب ٩٧٦هه (١٥٦٩ع).

ان جي اولهه طرف هڪ زناني تربت هئي، جنهن تي هي ڪتبو اُڪريل هو. نساء بيگم بنت مرحوم سلطان محمد ترخان محرم الحرام ٩٨٤هه.

اولهه ۾ پيو ٿلهو معلوم ٿيو، جنهن تي هن ڪتبي سان تربت هئي: مرزا محمد علي بن امير علي ترخان محرم الحرام ٩٨٤ هه ترخاني تاجدارن جي تعجب خيز قوم جو احوال ختم ٿيو.

# عبدالله شاهہ کان نواب خليل تائين ۽ ان جي آيارين پسگردائي

عبدالله شاهہ جو ڪجهہ ذڪر پڙهندڙن جي خدمت ۾ پيش ڪيو ويو هو. هيئنر وري بہ عبدالله شاهہ جو مڪمل احوال ۽ نواب خليل جي مقبري واري ايراضيءَ جو احوال پيش ڪجي ٿو.

عبدالله شاهہ گجراتي، جيلاني ۽ حسني آهي. اڳ ۾ ٻڌايو ويو آهي تہ هن کي گجراتي هن ڪري سڏجي ٿو، جو ڪجهہ وقت لاءِ، هي بزرگ گجرات ۾ رهيو ۽ خلق الله کي فيض ڏنو هئائين. انڪري اڄ تائين گجرات طرف جا گهڻا معتقد ڪتهي، اچي زيارت ڪندا آهن، هن صاحب جو احوال ”تحفة الطاهرين“ ۽ ”تحفة الڪرام“ ۾ هن طرح آيل آهي:

”هيءُ درويش ٺٽي جي ٻين مڪيہ اوليائن سيد ڪمال ۽ سيد قاضي شڪرالله جي سائين مان هو. شاهہ بيگ ارغون جي زماني ۾ گجرات کان ٺٽي آيو ۽ مڪليءَ جي هڪ ڪنڊ ۾ ٽڪي پيو. مجرد هو. ساري عمر خدا جي يادگيريءَ ۾ گذاريائين. دفن بہ آتي ٿيل آهي، جتي سندس سڪونت گاهہ هئس. گهڻي عرصي ڪري،

سندس قبر ڊهي وئي هئي. گهڻي مدت بعد شاهہ حافظ الله گجراتي، شيخ يعقوب ۽ خليفي ابو البرڪات مڪليءَ تي اها قبر کولي لڌي ۽ پوءِ ظاهر ڪيائون. اُن وقت کان وٺي وڏي زيارت گاهہ ٿي پيئي آهي. قبر ظاهر ٿيڻ جي روايت مجاور کان هن طرح معلوم ٿي تہ پهريائين مقبره جا نشان معلوم نہ ٿي ٿيا، پر پوءِ مخدوم نوح (رح) جن پتو قائم ڪيا. حضرت پيران پير طرفان يوسف شاهہ، سيد مراد، سيد عالي، پير پٺو، چنن بري ۽ يوسف ڏوڙو ڪاڙهي ٻيلي جن موجود هئا.

اسان عبدالله شاهہ جو سلام ڪري، شاهہ راهہ وٺي، ٿورو اڳيرو وڌياسين تہ اسان کي اولهہ ڏکڻ جي ڪنڊ تي هڪ سنگين قبي وارو مقبرو نظر آيو، جو "بارهن دري" جي نالي سان مشهور آهي. آثارقديمہ وارن طرفان سورهين صدي لکيل آهي ۽ پيو ٿيو خير. مگر مسٽر ڪوزن پنهنجي مشهور ڪتاب "دي انٽيڪئيٽيز آف سنڌ" (The Antiquities of Sind) ۾ ڄاڻايو آهي تہ هي وڏي مرزا جو مزار آهي، جو مرزا عيسيٰ خان هو. اهو غلط آهي. ڇو جو هن جو احوال اسان کي ترخاني مقام جي بيان مان معلوم ٿيو هو. هن حساب سان هي صاحب ڪو پيو عيسيٰ خان آهي. ان کان ٿورو اورتي، رستي جي رند تي، هڪ شڪستہ حال مقبرو ڏسڻ ۾ آيو، جنهن جو صاحب پير آسات هو، تحفة الڪرام واري لکيو آهي تہ هي صاحب سالڪ مجذوب هو ۽ مخدوم عربي

ديائي هالڪنڊي واري جو ٻاڻ هو. سيد ميران محمد مهدي جونپري وارو طريقو اختيار ڪيائين، سنڌس اولاد مان محمد حسين نالي هڪڙو فقير مشهور ٿي گذريو آهي. انهيءَ جا پٽ احمد ۽ محمد ٺٽي ۾ هئا. احمد جهان آباد ۾، شاهه غلام محمد صوفيءَ جي خدمت ڪندو هو ۽ فقيرن جو لنگر هلائيندو هو. پير آسات جيءَ ٻاهران اوڀر ۾ دروازي جي ڀرسان هڪ تربت پڪل ٺل معلوم ٿي، جنهن تي ناقص نالو نظر آيو، جو هيءَ هو: "عصمت پناهه دنيا ابر رحمت حق پيوست." بتاريخ ١٣ رجب ١٠٧٩ هه. هن مقبري جي اولهه ۾ ڪي قبرون ڪتبن سان نظر آيون، جي سڀ ٻارهين صديءَ جون هيون. هڪ تي دلچسپ ڪتبو اڪريل هو، جو پڙهندڙن جي چاهه لاءِ، هيٺ ڏجي ٿو:

"فاتح بر روح آن معصوم کز لطف اله
يافت فردوس برين ماوي بحسن خاتمه،
سال تاريخ وفاتش از سر ايقان نوشت،
جاودان بازيب جنت در جوار فاطمه"

سن نڪري ٿو، جو آهي ١٠٩٠ هه. پير آسات جي مقبري کان ٿورو اڳيرو ڏکڻ طرف وڏياسين ته اسان کي واٽ تي هڪ پرديسيءَ جي تربت معلوم ٿي، جنهن تي هي اکر اڪريل هئا.

"شيخ شاهه محمد ملازم نواب خانه زاد خان لاهور ٢٧ شعبان ١٠٩٥ هه" هيءُ نواب خانه زاد خان دهليءَ

پاران، ٺٽي جو ١٧ نمبر گورنر ٿي آيو ۽ ١٠٩٠ ھ کان وٺي، ١٠٩٥ ھ تائين گورنر ھو.

ڏکڻ اوڀر طرف ٿورو مٿڙياسين تہ ھڪ مقام ۾ ٻہ زنانيون تربتون بنا ڪتبي ڏٺيون ويون، جي ھن طرح ھيون.

١- وفات يافت مرحومہ و مغفوره مهرالنساءِ ٩٦٥ھ.

٢- وفات يافت مغفوره مستوره ساجده بي بي (نالو ظاھر نہ ھو) ماھہ شعبان ٩٦٥ ھ.

ھن بعد سامھون ھڪ شاندار گنبذ نظر آيو، مگر ھن جي ڪاشيءَ جي سرن جي بناوت اجڙيل نظر آئي ويجھو وڃڻ سان، ھن مقبره جي گذريل شوڪت جو اندازو لڳائي، دل مان آھہ نڪري ويئي. ھن مقبري جي احاطي اندر اولھہ اتر واريءَ ڪنڊ ۾، ھڪ ننڍي پر سھڻي چوڪنڊي ڏٺيل نظر آئي. مقبره جي اوڀر ۾ آثارقديمہ وارن طرفان ھڪ تختي لڳل آھي. جنھن تي "مقبره نواب خليل خان" لکيل آھي. مگر اوھان صاحبن کي ھي معلوم ڪري عجب لڳندو تہ اندر مقبره ۾ نواب خليل خان جي تربت نہ آھي. مگر ڪتابن جا ورق ورائيندي، ھي معلوم ٿيو تہ ھن مقبره جو ٺھرائيندڙ ھڪ نواب خليل خان ھو. مرزا قليچ بيگ قديم سنڌ ١٣٨ صفحي تي لکي ٿو تہ ھن (نواب خليل خان) جي وصيت موجب، ھن جو لاش قبي کان ٻاھر دفن ڪيو ويو. ڇو جو قبي ۾ ست وڏا بزرگ رکيل ھئا."

مرزا صاحب به هن ڳالهه جي تحقيق ڪانه ڪئي آهي ته نواب خليل خان ڪير هو؟ پاڪستان گائيڊ وارن ڄاڻايو آهي ته اهڙي نواب جو نالو سنڌ جي تاريخي ڪتابن ۾ ڪٿي نٿو ملي.

اها حقيقت آهي، جيڪي به مغلن باران سنڌ جا گورنر مقرر ٿيا آهن، انهن ۾ نواب خليل خان جو نالو ڪونهي. اسان کي نمبر ٦ گورنر بنام نواب امير خان ملي ٿو ۽ نمبر ٣١ نواب خواجه محمد خليل خان ملي ٿو، جنهن جي مسند گورنريءَ تي ويهڻ جي تاريخ ١١٢٤ هه آهي، جو پوين صوبدارن مان ٿي گذريو آهي ۽ اهو ناهي، جنهن ڏانهن اهو مقبره منسوب ٿيل آهي. ازانسواءِ مقبره ۾ اندر چار تربتون آهن، ۽ نه ست، جيئن مرزا صاحب ڄاڻايو آهي. هن مقبره جي احاطي جي اولهه ڏڪڻ واري ڪنڊ تي برابر (ستن حافظن) جون قبرون آهن. "لب تاريخ" ۾ هن نواب بابت ڪو به احوال ڪونه آيل آهي. ازانسواءِ نه وري مقبره جي ٻاهران اسان کي ڪابه اهڙي تربت ملي جنهن جو ذڪر مرزا مرحوم ڪيو آهي. احاطي جي اندر هڪ سهڻي چوڪنڊي ۾ امير سلطان محمد بن حاجيڪم جي تربت آهي. هن تربت جو احوال به "لب تاريخ" جي صاحب نه ڏنو آهي. هن تربت تي سڄي عبارت عربيءَ ۾ آهي. اڳيان الله جو نالو ۽ هي اکر اڪريل آهن.

”قال الله تعالیٰ كل شيء هالك الا وجه له الحكيم و اليه ترجعون. كتبه الفقير عبدالرحيم صديقي.“ پهريان جا عربي عبارت آهي، تنهن جو ترجمو هيءَ آهي.
”امير مرحوم سلطان محمد بن حاجيڪ مغل، ڏينهن خميس، ٩٦٣ هه ۾ فوت ٿيو. مقبره جي ٻاهران چوڌاري ڪاشيءَ جي ڪم سان اڪر اڪريل آهن، جن مان ڪيترا زماني جي بي ثباتي تي اوسر ڪري رهيا آهن باقي حي بچيل هئا، سي پيش ڪجن ٿا.

مقبره سلطان ابراهيم بن عيسیٰ ترخان اول وغيره، ڪاتب احمد انصاري. مقبره ۾ اندر چار تربتون آهن. اولهه جي طرف کان هيٺين ترتيب موجب آهن:

١- حضرت سلطان، حضرت ابراهيم مرزا عيسیٰ ترخان ١٦ ماه ربيع الاول ٩٦٦ هه.

٢- تمام ميساريل مشڪل سان پڙهڻ ۾ آيو، ”سلطان محمد باقي بن محمد عيسیٰ.“

٣- وفات مستوره و منظوره شهربانو ١٥ رمضان ٩٥٢ هه.

٤- ننڍي قبر هئي، جنهن تي بهترين بيت اڪريل آهن. هن جي اولهه طرف، هي بيت اڪريل هو:

”نوبهار آمد و گلها همه رستند ز خاک
تو هم از خاک بر آئي گل خندان پدر.“

اڀرطرف: هزار حيف صد افسوس يا ذکا محمد
کم مي برد خان خانان درجان جهان.

مذڪوره مقبره جي اوڀر ڏکڻ جي ڪنڊ تي ٻاهرين احاطي کان ٽيهارو کن قدمن تي هڪ تربت آهي، جنهن تي هڪ ڪتبو اکريل هو: "وفات امير عنات بن عبدالعلي مغل، در تاريخ سنه نه صد بود."

هاڻي اچون ٿا نواب خليل جي مقبره جي اوڀارين حصي تي. طالب المولي جي تحقيق جو مرڪز، سروري خلفا دو فقرا جي جوئيندگي هئي. اسان کي معلوم ٿيو ته مخدوم نوح (رح) جي ٽن وڏن خليفن جي آرامگاهه، هن ڏکر جي آس پاس آهي. اسان انهن کي لهڻ جي حتي المقدور ڪوشش ڪئي، مگر ڪاميابي نصيب نه ٿي. تحفة الطاهرين ۾ فقير بهاولدين گودڙيي (دلق پوش) جي تربت جو ذڪر هن طرح ڏنل هو ته پير آسات جي ڏکڻ ۾ ڏاڪڻ ويندي آهي. ان لاءِ اسان ڪوشش ورتي. آخر قديم نقشي جي هدايتن موجب، اسان پير آسات جي ڏکڻ وارو پيچرو ڊنڊ جي طرف، لهوارو ويندڙ ورتوسون. هيٺ اسان کي خليفه محمد سعيد جي تربت جو نشان معلوم ٿيو. وري اتان ڏکڻ اولهه جو طرف وٺي اڳتي هلياسين ته ٿوهرن جي ميڙ ۾ اندر اسان کي هڪ پٿر جو آکرو پسڻ ۾ آيو. ڪتابن جي روشنيءَ ۾، جو احوال معلوم ٿيو، سو هي آهي: وچ ۾ ڏنل قبر ميان مٺوءَ جي ۽ هن جي ساڄي پاسي بهاولدين گودڙيو ۽ کاٻي پاسي سلطان کمر، هن جي پڇيان ٻه ننڍڙيون قبرون ۽ ٻه وڏيون قبرون آهن. هي هنڌ نواب خليل جي مقبره جي هيٺان اڀرندي طرف آهي.

پارسي خط موجب "مٹو" بدران "مهتو" لکيل آهي: سو مرزا مرحوم قليچ بيگ به اهو ساڳيو اچار برقرار رکيو آهي ۽ ميان مهٽيو فقير لکيو اٿس، جو درست نه آهي. هي صاحب مخدوم نوح (رح) جي مان وارن مريدن مان هو ۽ ڪامل فقير هو. اڪثر فرخ مير جي جامع مسجد ۾ گذاريندو هو. سندس قبر آڪري ۾ آهي. زيارتي ماڻهو، سيد علي شيرازي جي زيارت ڪري، پوءِ مٿس ايندا آهن. فقير بهاوالدين دلق پوش (گودڙيو) مخدوم صاحب جي خليفن مان هو، ۽ صاحب ڪرامت هو. مخدوم صاحب جي قرآن شريف جو تفسير، جو هاڻي به محفوظ رکيل، اهو "دلق پوش" جي محبت ۽ محنت جو مظاهرو آهي، اهي اکر جنسي دلق پوش صاحب جا آهن. سلطان ڪمر به مخدوم صاحب جي خليفن مان هو. انهيءَ تي به ماڻهو سيد علي شيرازيءَ جي زيارت بعد ايندا آهن. اهو به پنهنجي هم مشربن سان گڏ دفن ٿيل آهي.

## نواب خليل خان جي مقبري جا اولهندا پاڳا ۽ سندس ڏاکڻيو حصو، نواب عيسيٰ خان تائين

گذريل مضمون ۾ پڙهندڙن، نواب خليل خان جي مقبره ۽ ان جي اوپر ندي ۽ ڪجهه حصي ڏاکڻين جو احوال پڙهيو هو. اڄ ان جي پين پاڳن جو احوال پيش ڪجي ٿو.

خليل خان جي مقبري جي اتر اولهه ۾ هڪ ٿلهو آهي، جنهن ۾ امير قاسم طوغاني ۽ امير محمد بيگ ارغون جي خاندان جا بزرگ دفن ٿيل آهن. هن ٿلهي تي ڇهه قبرون آهن، جي هن ريت ترتيب وار واقع آهن. پهرين بينا نالي، مهينو ذوالقعده ٩٧٢ هه. ٢- مهينو ذوالحج ٩٢٧ هه. ٣- مير قاسم بن مرحوم حضرت امير محمد طوغاني، آچر ١٢ رجب ٩٦٥ هه. ٤- امير محمد شهاب ابن امير سيد قنبر بيگ، ٥- امير فرخ ابن امير محمد بيگ ارغون (بي تاريخ). ٦- ابوالفتح بن امير قاسم طوغاني ٩٥٥ هه.

هيءَ ڳالهه معلوم هجي ته امير قاسم طغائي شاهه حسين مرزا ارغون جو امير هو. جڏهن همايون بادشاهه ٢٨ رمضان ٩٤٧ هه ۾ روهڙيءَ ۾ اچي منزل انداز ٿيو،

تنهن شاهه حسين جي طرفان امير قاسم طغائي ۽ شيخ ميرڪ پوراني ، همايون بادشاهه ڏي خيرسڳاليءَ جو پيغام ڪٺي ويا ۔

ڏکڻ طرف ٿورو اڳيرو وري پيو ٿلهو آهي، جنهن ۾ به امير قاسم "طغائي" جا مٽ مائٽ دفن ٿيل هئا ۔

هڪ ڳالهه ياد رهي ته قبر تي امير قاسم کي طوفاني لکيو ويو آهي ۔ مگر تحفة الڪرام واري "طغائي" لکيو آهي ۔ انهيءَ ٿلهي تي ٻه قبرون آهن:

١- وفات يافت مرحومه و مغفوره سيده بيرم سلطانم بنت سعادت پناهي مرحومي مير قاسم "طغائي" ٦ صفر ٩٧٢ هه ۔

٢- اميرالاعظم مير شافي ابن مرحوم ترسون محمد ارغون اربع ذوالقعده ٩٦٨هه ۔

اولهه طرف هڪ مقبره هو، جو شاهه قادريءَ جو مقبرو آهي ۽ سن ٩٩٩هه لڳل اٿس ۔

نواب خليل خان جي اولهه طرف پيچرو وڃي ٿو ۔ اهو وٺي اڳتي وڃبو ته هڪ وڏي قبر ڏسڻ ۾ ايندي، جنهن تي هڪ ڪتبو لڳل هو ۔ اٿين پئي خيال ۾ آيو ته هن کي چوڌاري وڏو ڪمپائونڊ هو ۔ هاڻي فقط دروازي جا نشان آهن، مگر پيو مڙئي خير ۔ وڏي قبر تي هڪ ڪتبو هو:

"وزير سند بائيخان (پائي خان) ۔"

"چو مشير بسوي فلڪ بقا زيب دارخاني"

بسي تاريخ خود گفتا خدايا ـ مقامم ده بهشت جاوداني
٢٥ ربيع الاول ١٠١٢هه.

هن جي پرسان رانڪ ۾ ٽي قبرون آهن. وچ ۾ ننڍي ۽ پاسي کان وڏيون آهن. اولهه واري وڏيءَ تي هي ڪتبو اڪريل آهي.

"والد برحق پائيخان است تاريخ روز عاشورا ١٠٠٢هه."

ٻي قبر ننڍڙي هئي، مگر ڪتبو سهڻو هو، جو هن طرح هو:

"نور بصري امير خان ـ اسماعيلم قدم بفردوس نهاد."
تاريخ وفات اوچنين گفت ـ آن باغ محمد علي شاد.
١٠٠٢هه

ٽين قبر بي ڪتبي آهي. شايد ڪنهن مستوره جي آهي. پڙهندڙن کي معلوم هوندو ته مرزا عبدالرحيم خان خانان سر زمين سنڌ تي فتح جو جهنڊو هڪ هزار هجريءَ ۾ کڙو ڪيو. اڪبر اعظم جي مرضي هئي ته ترخانن جي پوئين تاجدار ميرزا جاني بيگ کي وري سنڌ جو نواب ڪري موڪلجي، مگر هن صاحب قبول نه ڪيو ۽ معافي ورتائين. پنهنجي عيوض، اڪبر اعظم کي مشورو ڏنائين ته سندس پٽ ميرزا غازي بيگ نالي تي ٺٽي جي گورنري جو فرمان ڪڍي. هن ١٠٠١هه ۾ اهو فرمان موڪليو. ان وقت جيئن ته غازي بيگ صغير سن هو، تيئن آن جي سنڀال لاءِ مرزا جاني بيگ جي اميرن کي، جي ساڻس گڏ اڪبري دربار ۾ موجود هئا، مرزا غازي بيگ جو صلاحڪار مقرر ڪيو:

١- شاهہ قاسم ارغون بيگلاره ٢- خسروخان چرڪس. ٣- پائي خان. ٤- عرب ڪوڪه. ٥- جمال الدين ديوان.

مرزا قليچ بيگ تاريخ معصومي جي ذريعي "پائي خان عرب ڪوڪه" ڄاڻايو آهي يعني هڪ نالو ڄاڻايو ويو آهي ۽ صلاحڪار پنجن جي بدران چار ڄاڻايا آهن مگر ماستر محمد صديق مسافر سنڌ جي تاريخ (ڀاڱو پنجون) "سنڌ ۾ مغلن جا نواب" ۾ عرب ڪوڪه ۽ پائي خان کي ٻہ جدا شخصيتون ڪري پيش ڪيو آهي. اسان کي پائي خان جو نالو ارغونن (ترخانن) جي زماني ۾ ٻہ دفعا ملي ٿو. هڪ هاڻي معلوم ٿيو ۽ ٻيو خسروخان چرڪس جو پٽ. اسان پائي خان جي وفات ١٠١٢ ھہ ۾ ڏني آهي. خسرو خان جو پٽ، مرزا غازي بيگ سان ١٠١٥ ھہ ۾ قنڌار گڏجي ويو هو. ان مان ظاهر آهي تہ مذڪور تربت وارو پائي خان، خسرو خان چرڪس جو پٽ نہ آهي، مگر آهوڻي آهي جو غازي‌ء بيگ جو صلاحڪار مقرر ڪيو ويو هو. تنهنڪري هن کي "وزير- سنڌ" لکيو ويو آهي. پائي خان جي اولهہ ڏکڻ هڪ تربت هئي، جنهن تي هي ڪتبو اڪريل هو:

"تاريخ شهادت مرحومي و مغفوري مولانا صالح ١٠٧١ ھہ".

ڀائي خان جي ڏکڻ ۾ هڪ پيڇرو وجي ٿو. اهو وٺي اسان تمام هڪ وڏي قبر تي پهتاسين، جا مخدوم جمعي جي تربت هئي.

اوچائي ۽ چوڙائي ۾ هن جهڙي تربت ساري مڪليءَ تي ٻي مشڪل ئي نظر آئي. مگر ٻي ڪتبي هئي. مان اڳ جاڻائي آيو آهيان تہ سواءِ نقشبندي بزرگن جي ڪنهن بہ بزرگ جي تربت تي ڪتبو نہ آهي. ان ڪري انهن کي ڳولڻ ۾ ڪافي وقت صرف ٿئي ٿو. تحفة الڪرام ۾ آيل آهي تہ مخدوم جمعو بہ وڏي حال ۽ قال وارو فقير هو ۽ سيد علي شيرازي ثانيءَ جو همعصر هو. مخدوم جمعي جي تربت جي ڏکڻ ۾ هڪ ٿلهو هو، جنهن تي ٥ قبرون هيون. اوپر کان وٺي، قبرن جي ترتيب هن طرح آهي: پهرين تربت تي منظوم ڪتبو هو، جو هيٺن آهي:

”چون خواجہ فطرت ازين دار فنا + ملک بقا گرفتہ آرام،
رضوان تاريخ وفاتش گفت ـ فطرت دادہ مراعالي مقام.“

١٠٩١هہ.

٢ـ بتاريخ هفتم شهر محرم مرحوم غياث الدين عرف سعيد خان بگلگونہ شهادت رحلت بود ١١٢٦هہ.

٣ـ مرحوم مرزا محمد نعيم بجوار رحمت شد ٢٨ صفر ١١٢٦هہ.

٤ـ ډلل.

٥ـ غلام حسن ٣ ربيع الثاني ١١٧٢هہ.

مخدوم جمعي جي اتر اولهه جي ڪنڊ تي، هڪ قبرستان هو، جنهن ۾ هڪ قبر باڪتبي هئي، جنهن تي هي ڪتبو اڪريل هو:

”بسوی باغِ بهشت شد تازان،
اینست حاجي قانع مرازان.“

١٠٩٤هه.

مخدوم جمعي جي صفا اولهه ۾ هڪ سؤ قدمن تي هڪ پٿر جي ٺهيل قبر، ڊٺل صورت ۾ هئي. ڪنهن به تاريخ يا شخصيت جو پتو پئجي نه سگهيو. ڏکڻ اولهه جي طرف ٿورو اڳيرو هلياسين ته پريان مٿانهين عمارت ڏسڻ ۾ آئي، جنهن کي ”شاهه پرين“ جو مقام سڏجي ٿو. ڏکڻ جي طرف ٿورو اڳيرو هلياسين ته اسان کي هڪ وڏو مقام نظر چڙهيو، جنهن کي امير خاني مقام سڏجي ٿو. اميرخاني سادات نواب امير خان عرف ابوالبقا ولد نواب قاسم خان نمڪين بن ملا مير سبزواري جي اولاد مان آهن. اهو نواب مغلن پاران ٺٽي جو اٺون نمبر گورنر هو. انهن ڏينهن ۾ دهليءَ جي تخت تي شاهجهان بادشاهه جو دور دوره هو. هي صاحب ١٠٥٤هه مطابق ١٦١٤ع ۾ گورنر مقرر ٿيو. هن جي ڏينهن ۾ جي تعميرات جا ڪارناما ٿيا آهن.

جامع مسجد ٺٽو، مسجد شريف محله پاڻي خان ٺٽو ۽ امير خان جو مقبرو مڪليءَ تي، جيڪي به سنڌ ۾ اميرخاني سادات آهن، سي هن صاحب جي اولاد مان

آهن. هو فرقي جا شيعا هئا، جيئن سندن مقام جي
ڪتبن مان ظاهر آهي. مسجد نما جڳهه اندر وڏو مقام
آهي. ان جي اوڀر ۾ هڪ ٿلهو نظر آيو، جنهن تي
ٽي قبرون هيون، جن تي ڪتبا هن طرح اڪريل هئا:

پهرين قبر:

خان با نمکین امین الدین امیر
حالی از حسن عمل درجات او
چون سفر کرد از جهان بی ثبات
سالِ فوتش داخل الجنات او

۱۱۳۷ هه.

ٻي قبر:

چو حسب آل مولائی جان خان بود
روانش برد حورالعین بجنت
بدل سال وصالش گفت رضوان
بگو منزل متین الدین بجنت

۱۱۳۷ هه.

ٽي قبر: ڪتبو هن تي ڇڙو نہ هو. جو معلوم ڪيو ويو،
سو درج ڪجي ٿو.

”میر محمد غوث“ از دنیا بدر رفت
جنة الماوی گشتم جای او
هاتفم گفتا کہ سال رحلتش.
...............

مير ابوالمڪارم جو پٽ مير اميرالدين ٢٦ نمبر مغلن پاران ٺٽي جو گورنر هو. انهيءَ جو پٽ مير متين‌الدين خان پيءُ جي حياتيءَ ۾ حاڪم ٿيو. انهيءَ جي پٽن مان مير محمد غوث نواب خدا يار خان عباسي يعني نورمحمد ڪلهوڙي جي وقت ۾ بخشي هو. ٺٽين ٽلهي جي هيٺان ٻئي ٽلهي تي اتر اولهه جي ڪنڊ تي هڪ قبر هئي، جنهن تي پارهن امامن جا اسماء گرامي هئا. وفات جو سال ڇپيو نه هو. هن سان گڏ هڪ ٻي قبر معصوم پار جي هئي، جنهن تي ١١٧٨ هه لکيل هو. هن جي پٺيان هڪ ننڍي قبر هئي، جنهن تي هي ڪتبو اڪريل هو:

دريغا! از گل کہ نومی شگفت
زمانہ ز بادِ مخالف نہفت
خرد سال معصوم حافظ عالی
عطانی علی حافظِ وی بگفت

١٣٠٦ هه

اتر اولهه جي ڪنڊ تي هڪ رانڪ نظر آئي، جا نظام الدين جي رانڪ سان مشهور آهي. هيءَ رانڪ دردپلي بيٽن سان سينگاربل آهي. ان جو هڪ بيت مڪلي نڪريءَ جي پهرئين مضمون ۾ چاڙهيو ويو هو. هن سان ڪي بيت نموني خاطر ڏجن ٿا:

قبر جي اڳيان جي لفظ ميساريل هئا، انهن مان اسان هيٺيان ڪوشش ڪري زير مطالعه آندا:

"مرحومی نظام در سال چهل نه وداع کرد۔"

اولهہ ۾ اوپر کان:

زیر این زهره و ماه است
یوسف در نشیبِ این چاه است۔

اتر وارن ٻن دروازن تي:

اے چرخ کز تو یک دلِ غمدیده شاد کو
آن نو رسیده غنچہ نیک و نهاد تو۔

اولهہ وارن دروازن تي:

فریاد کہ مونسِ دلم رفت بخاک
فرزند عزیز قابح رفت بخاک۔

ڏکڻ وارن دروازن تي:

تاریخ سال روضہ رضوان مثال او
جستم ز بهر گفت "بود گوشہ بهشت۔"

امیرخاني مسجد جي اتر ۾ ديوار جي ٻاهر ٺلهي تي چار قبرون خواهہ اولهہ طرف پڪي ٺلهي تي ٻہ تربتون هيون. امير خاني مسجد جي اولهہ طرف رستي جي ٻئي طرف، جي تربتون هيون، تن مان مکيہ هي آهن:

١- وفات یافت ماه بیگم بنت مرحوم امیر شمس الدین محمد بتاریخ ٩٨٤ هہ۔

٢- داروغہ اعي خان ربیع الثاني ١٠٢٤ هہ۔

٣- اسد بیگ بن حیدرو فخر۔ایران۔ (بنا تاریخ۔)

٤- هتي جي ذڪر ۾ هڪ حڪيم، نالي محمد تقي جي تربت هئي، جنهن تي بهترين ڏکو ڪتبو هو. نموني خاطر ان مان پهرين ۽ پوئين سٽ پيش ڪجي ٿي:

خلف دودهان فضل و هنر،
ڪز جهان همچو او ندارد يار
سال تاريخش از خرد جسم،
گفتم اے از تو خاطر من شاد
جز بگويم دين فقير بخير،
همنشين حسين بجنت باد.
١٠٤٠ هه

# نواب عيسىٰ خان جو مقبره، ان جو اوپر، اولهه، ڏکڻ رستي تائين

گذريل مضمون ۾ مقبري ديوان شرفا خان جو احوال رهجي ويو هو، جو نواب عيسىٰ خان ٻي جي پر ۾ اتر اولهه واقع آهي. ضروري آهي ته مختصر طرح هن جو احوال اڳوڻي مضمون ۾ پيش ڪجي نه ته هن جي مقبره جي احوال کان سواءِ مڪليءَ جي احوال ۾ وڏو خال رهجي ويندو.

ديوان شرفا خان، نواب امير خان جو ١٦٤٤ع تائين وزير مال ٿي رهيو. هي صاحب "ميرزا اليکه ارغون" جو پوٽو هو. هي قبو شرفا خان جي حياتيءَ ۾ ١٦٣٨ع ۾ جڙيو هو. هن جي ساخت امير خليل خان جي مقبري جهڙي آهي. هن تي ڪاشيءَ جو ڪم تعريف جوڳو آهي، ۽ ڪاري ۽ آسماني سرن جي دڙت ٿيل آهي. مسٽر ڪوزنس پنهنجي مشهور تصنيف "دي انٽيڪئيٽز آف سنڌ" ۾ چاڙهيو آهي ته هي مقبرو مڪليءَ جي ٻين مقبرن کان وڌيڪ بهترين حفاظت ۾ رکيل آهي هن جي گنبذ جي دروازي تي هڪ پٿر جي ڪتبي تي هڪ نظم لکيل آهي، جنهن جا ڪل ٦ بيت آهن يعني

١٢ مصراعون، پرهڪ اخبار ۾ فقط ٢ سٽون ڏنل آهن، مي به هيٺ مٿي. ان ڪان سواءِ اڏاوت جو سال ١٠٨٩ھ ڏنل آهي، جو غلط آهي. مگر تاريخ وفات ١٠٤٩ھ آهي، جا هيٺين طرح ظاهر ٿيندي. مان هن نظم جا فقط ٻه بيت پهريون ۽ پويون پڙهندڙن لاءِ پيش ڪريان ٿو:

چون بنا شد چارطاق روضہ رضوانِ پناه
قدسيان گفتند يارب مرقدش پرنور باد
بهر تاريخ بناى روضهٔ ديوانِ سند
گفتم شد جاويد يارب مقبره پرنور باد.

١٠٤٩ھ

اندر گنبذ ۾ ٽي تربتون آهن. اولهه واري نواب شرفا خان جي آهي، جنهن تي بهترين چٽسالي ٿيل آهي ۽ هي ڪتبو لکيل آهي:

آنکس کہ وزارت يافت صد زيب از راي او
چون قصد سفر کرد در زين خانهٔ پر محنت
از غيب بگوش آمد ز انيکہ خوش الحان
تاريخ وفات او جاءِ شرفا جنت.

١٠٤٩ھ

نمبر ٻي اوڀر واري تربت تي ١٠٥٢ھ ۽ ٽيءَ تي منظوم تاريخ ١٠٧٢ھ لکيل آهي. اوڀر طرف هڪ ڪالم (Column) ۾ چار تربتون، جي بي تاريخ آهن. اولهه طرف احاطہ اندر سهڻو چٽيل محراب آهي، جنهن تي هيٺيون ڪتبو اڪريل آهي:

"بيت تاريخ اين بنـاي شريف
با صـفـا مثلِ مسجدِ اقصیٰ."
١٠٤٩هه

هاڻي اچون ٿا مڪليءَ جي نڪ، مرزا عيسيٰ خان ترخان ٻئي جي رانڪ تي، جا سڄي مڪليءَ جي مڪانن جي مهندار آهي. هن لاءِ مير علي شير "قانع" ٺٽويءَ جي "مقالات الشعراء" ۾ هڪ شاعر متخلص به "ظاهر" هڪ عجيب قصيدو لکيو آهي. "لب تاريخ جي" صاحب خانبهادر خداداد خان سکر واري، هن جي ساراهه ۾ جو ڪجهه چيو آهي، تنهن جو ترجمو عرض رکان ٿو:

"١٨ سالن جي عرصي ۾ رانڪ يا روضو، جو مڪلي ٽڪريءَ تي آهي پاڻ (مرزا عيسيٰ خان) ٺهرايو هو. زيبائي، پائيداريءَ ۽ پهنائي" ۾ هن جهڙو مثال اڪي اسان کي نٿو ملي."

"مسٽر ڪوزنس" به هن کي سڄي مزارن کان وڏي ۾ وڏي ۽ اهم ترين عمارت شمار ڪئي آهي. مرزا عيسيٰ خان دوم مرزا جان بابا جو پٽ ۽ مرزا عيسيٰ ترخان اول جو پوٽو هو. هن ١٠٣٧هه کان وٺي ١٠٥٤هه مطابق ١٦٢٧ع کان ١٦٤٤ع تائين جهانگير ۽ شاهجهان جي زماني ۾ ڪرنال ۽ ٺٽي جي گورنري ڪئي. هي صاحب مرزا غازي بيگ جو سوٽ هو، ۽ هن ١٠٥٤هه مطابق ١٦٤٤ع ۾ وفات ڪئي. اندر مقبري ۾ ٩ تربتون آهن، جي هيٺين طرح واقع آهن:

اولهہ جي طرف کان چوٿون نمبر وچين تربت نواب عيسیٰ خان جي آهي، جنهن جي پيرانديءَ ۾ ڪتبو آهي، مگر زماني جي گذرڻ ڪري گهڻو ميسارجي ويو آهي. اسان کي جو گهڻي ڪاوش ۽ ڪوشش ڪان پوءِ پڙهڻ ۾ آيو سو هي آهي:

"چو رحلت کرد از دارالفنا آن سرور ترخان
بہ بستانِ جنان آسوده شد در منزلِ اعلیٰ
چو پرسيدم بسالِ رحلتِ او گفت از فردا
مبوده مرزا عيسیٰ بکام امر او ماویٰ."

١٠٦٢هہ

پي تربت اوپر واري يعني نمبر ٥ تي هي ڪتبو لکيل هو: "تاريخ وفات مرزا عنايت الله ١٠٥٨هہ." ٽئين تي "بتاريخ ٢٠ شوال ١٠٩١هہ واليون مرزا." نمبر چوٿين خالي. پنجين "مرزا فتحي" جي هُئي، جنهن تي منظوم ڪتبو درج ٿيل هو، جنهن مان تاريخ ١٠٩٣هہ معلوم ٿي. ڇهين اولهہ طرف نمبر ٣ خالي. ستين تي تاريخ هُئي هيءَ: تاريخ وفات مرحومی و مغفوري بهره ور" ١٠٧٧هہ. نمبر اٺين ۽ نائين بي ڪتبہ هيون. مقبري جي ٻن ڪنڊن تي ٻہ چوڪنڊيون هيون، جي مستورات بلي هيون. هڪ اتر اوپر ۽ ٻي ڏکڻ اولهہ. اتر اوپر ۾ هاڻي وڃي هڪ تربت رهي آهي جنهن جي مشڪل سان تاريخ وفات سال ١٠٨٧هہ پڙهڻ ۾ آيو. اولهہ ڏکڻ واري چوڪنڊي تہ ڪا مضبوط ٺهيل هُئي، مگر

هاٿي تہ زبون حال ۾ آهي. هن ۾ بہ هڪ تربت چڱي چوڪي نظر آئي، جنهن تي هي الفاظ اُڪريل هئا:

"بتاريخ بيست و سويم شهر رمضان ١٠٨١هہ وفات اين عصمت پناه مغفور."

مگر پاڪستان گائيڊ ۾ ڄاڻايو ويو آهي تہ هن چوڪنڊي ۾ ٽي تربتون آهن. باقي ٻن تي جي تاريخون اُڪريل آهن، سي هي آهن. هڪ تي ٦ ذي الحج ١٠٨٢هہ ۽ ٻيءَ تي ١٥ رجب ١٠٨٠هہ. "مرزا عيسيٰ خان" جي سامهون اوڀر طرف "مرزا جان بابا" جو مقبرو آهي ۽ ان تي آثارقديمہ وارن پاران ١٥٥٦ع لکيل آهي. "مرزا جان بابا" مرزا"، مرزا عيسيٰ خان دوم جو والد ۽ مرزا عيسيٰ خان اول جو فرزند هو يعني مرزا محمد باقيءَ جو ننڍو ڀاءُ. هن جي عجيب شخصيت جو احوال "بيگلارنامه" فارسي، "تحفة الطاهرين" فارسي، سنڌ جي تاريخ ارغون ۽ ترخان از محمد صديق "مسافر" ۽ مرزا قليچ بيگ جي تاريخ جلد دوم مان بخوبي معلوم ٿي سگهندو.

مرزا عيسيٰ ترخان اول جو آخرين وقت خيال هو تہ مرزا "جان بابا" جاءِ نشين مقرر ڪجي. مگر سندس زال "ماه بيگم" جو خيال هو تہ مرزا محمد باقي راڄڌڻي ٿئي، مگر مرزا عيسيٰ خان پنهنجي "ماه بيگم" کي وراڻي ڏني تہ مرزا باقي ظالم آهي. پنهنجن عزيزن کي بہ ڏکيو رکندو ۽ توکي بہ تڪليف رسائيندو.

ٿيو بہ اٿين، جو ”جان بابا“ کي قتل ڪرايائين ۽ ”ماه بيگم“ کي بکون ڏئي جيل ۾ مارايائين. هڪ عجب جي ڳالهہ هي آهي تہ مڪليءَ جي قديم نقشي ۾ خواهہ انگريز سياحن، هن مقبره کي نالي مرزا عيسيٰ ترخان دوم جي زنانہ عالم جو مقبرو ٻڌايو آهي، مگر ائين نہ آهي. ڇو تہ هن ۾ ”جان بابا“، مرزا مسڪين ترخان (جو شاه حسن مرزا جو سپہ سالار ۽ مرزا محمد باقي جي ڏينهن تائين مکيہ مهندار رهي چڪو هو) وغيره جون تربتون آهن ۽ هن ۾ اتر او ڀر طرف هڪ حرم سراء جي بيبين لاءِ، ڪنبڙيءَ ۾ چوڪنڊي آهي. ”پاڪستان گنبذ“ مطابق ڪل اٺ قبرون آهن. ڇهہ ٿلهي تي ۽ ٻہ پاسن تي، مگر اسان جي تحقيق موجب ڏهہ تربتون آهن. ست مٿي ٿلهي تي ۽ صحن جي اتر پاسي ٻہ ۽ ڏاکڻي پاسي هڪ، مستورات واري گنبذ ۾ ٽہ تربتون آهن، قبر نمبر ٻي، جنهن تي ١٠١٧هہ اڪريل آهي، اها ”جان بابا“ ڏي منسوب ڪن ٿا. ان جي ڀرسان نمبر چوٿين تي فقط سال ٩٧٨هہ ۽ نمبر پنجين تي سال ٩٦٤ هہ ۽ نمبر ڇهين تي سال ٩٨٨ هہ ۽ نمبر ستين تي مير مخدوم مسڪين سال ٩٧٠هہ لکيل آهي. بنده جي ناقص راءِ موجب نمبر ٽئين مرزا ”جان بابا“ جي تربت نہ آهي، پر نمبر چوٿين سنڌس ٿي سگهي ٿي، ڇو تہ سال ٩٧٧هہ ۾ جڏهن مرزا محمد باقي پنهنجي نياڻيءَ جو سڱ ”ماه بيگم“، ”ناهيد بيگم“ ۽ مسڪين ترخان سان گڏ اڪبر بادشاهہ ڏي روانو ٿي ڪيو تہ لڪيءَ

جي جبلن وٽ مرزا ”جان بابا“ هن جو مقابلو ڪيو، آن واقعي ڪان پوءِ مرزا محمد باقي هن کي مارائي ڇڏيو، جو لاشبه ۹۷۸ هه جو سال ٿيندو.

نمبر ستين وارو اهو ماڳيو صاحب مرزا محمد مسڪين آهي. مگر سال وفات ۹۷۰ هه نه هوندي، مگر ۹۷۷ هه يا ان بعد هوندي. صحن ۾ ڏاکڻي ڇيڙي ۾ هڪ تربت آهي، جنهن تي سنه وفات ۱۰۰۵ هه لکيل آهي. هن سهڻيءَ عمارت کي ٽي قبا هئا ۽ هاڻي فقط هڪ آهي. ڏاکڻي طرف هڪ ڏيڍي بارهن پيل پاوَن تي بيٺل آهي، مگر پريان جاني بيگ جي ڏيڍي جو واه جو دلپذير نظارو آهي. محض ڏسڻ سان تعلق رکي ٿو. مرزا عيسيٰ ترخان جي فلڪ رسا رانڪ جي ڏکڻ ۾ مرزا باقي بيگ جو مقبرو آهي. چوڪنڊو آهي. وچ ۾ ٿلهو اڏيل آهي. زبون حالت ۾ آهي. ڏسڻ ۾ ائين پيو اچي ته مٿيون قبو ڍهي ويو آهي. ٽي تربتون آهن. وچ ۾ مرزا باقي بيگ جي قبر، اولهه ۾ سندس پٽ جي قبر ۽ اوڀر ۾ هڪ ننڍي تربت. اولهه طرف هڪ محراب ٺهيل آهي. مرزا باقي بيگ جي تربت جي پٺيان هڪ قطع اڪريل آهي:

”ز غيب آمد ندا تاريخ او گفت
که گوئي مسرور و سردار باقي.“

اولهه واري قبر تي هيٺيون ڪتبو پيراندي ۾ اڪريل آهي، جو هڪ پروانهءَ محبت جو موهڻو مثال آهي:

بجستم از خـرد تاريخ او گفت
مپرس از من بپرس از داغِ دلها."

مٿين مقبري کي مؤرخين مرزا محمد باقي بن مرزا عيسيٰ اول ترخان جو مقبرو ڪري لکيو آهي ۽ "لب تاريخ" جي مصنف مرزا محمد باقي جي تاريخ وفات جا اصلي آهي، اها پنهنجي ڪتاب ۾ ڄاڻائي اٿس. يعني ٨ شوال ٩٩٣ هه مگر اسان کي ٻاهرين دروازي تي شڪسته حال الفاظ، جي باقي آهن، سي هي معلوم ٿيا. حالانڪ ڪيترا الفاظ ميسارجي ويا آهن:

"مقبره مرحومي و مغفور ميرزا باقي بيگ وزير (جاني بيگ) تاريخ ذي الحج ١٠٥٠ هه." هن مان ظاهر آهي ته هي صاحب مرزا محمد باقي نه آهي، پر مرزا محمد باقي جي ذهني جاني بيگ سان تعلق رکندڙ ڪا ٻي شخصيت آهي. ٻيو هي ٻه خيال رکڻ گهرجي ته هن جو نالو مرزا محمد باقي بيگ آهي نه مرزا محمد باقي. ازانسواءِ مرزا محمد باقي بن مرزا عيسيٰ خان ترخان اول جي تربت جو ذڪر اسان اڳـ ۾ ٺي اوهان جي سامهون گذريل هڪ مضمون ۾ ڪري آيا آهيون.

هن مقبره جي ڏکڻ اولهه پارهن ٿنڀن جي ڪليل رانڪ مرزا ظفربيگـ جي ڏسڻ ۾ اچي ٿي جا ١٦ چورس فوٽ ٿيندي. "پاڪستاني گائيڊ" موجب، سندس محراب تي هڪ فارسي ۾ وفات تاريخ ڄاڻايل آهي، جنهن مان ١٠٩٠ هه مطابق ١٦٧٩ع سال نڪري ٿو. اسان کي

ڪوبہ اهڙو ڪتبو ڏسڻ ۾ نہ آيو. فقط آثار قديم وارن جي هڪ تختي لڳل آهي، جنهن تي ١٠٩٩ هہ (١٦٨٦ع) لکيل آهي، ۽ نہ ١٦٧٩ع، جو ڪتابچہ ۾ آهي. هن صاحب جو وڌيڪ احوال نڪو ملي. فقط ائين معلوم ٿئي ٿو تہ اورنگ زيب جي عهد ۾ نالي وارو سالار هو ۽ ڪلان ڪوٽ بہ ڪن ڏينهن ۾ هن جي نالي پٺيان ظفرل آباد سڏيو ويندو هو.

جڏهن اسان ڏکڻ طرف اڳتي هلياسين تہ اسان کي اٺ ڪنڊو قبو ڪاشيءَ جي بهترين زيبائش سان ڏسڻ ۾ آيو. ڪاشيءَ جو ڪم گهري نيري ۽ سفيد ٽڪرين جي جڙت تي مشتمل آهي. هي قبو مرزا جاني بيگ ۽ سندس لاڏلي مرزا غازي بيگ جي رانڪ سڏجي ٿو. مرزا جاني بيگ مرزا محمد باقي جو ڏوهٽو ۽ مرزا پاينده بيگ جو پٽ هو، ۽ اڪبر جي دلاور جنرل مرزا عبدالرحيم خان خانان جي ڀاري لشڪر سان ١٥٩١ع مطابق ١٠٠٠ هہ ۾ مردانہ وار مقابلو ڪيو ۽ آخر زور جي آڏو زاري مچيائين. غازي بيگ سندس پٽ هو. اڪبر جي ڏينهن ۾ افغانستان جو پهريون گورنر مقرر ٿيو، ۽ آخر قنڌار ۾ هڪ غلام زاده عبداللطيف هٿان شهيد ٿيو. جنهن جي سال وفات جي مصرع 'لب تاريخ' واري هيءَ ڄاڻائي آهي. "از دست غلام گل برون رفعت دريغ" وفات ١٠٢١ هہ مطابق ١٦١٣ع. هي لا اولاد هو. هن جو لاش ١٠٢٢ هہ ۾ ڪٺائي، اچي مڪليءَ تي مدفون ڪيائون.

اندر قبي ۾ ٣ قبرون آهن. وچ ۾ وڏي قبر مرزا جاني بيگ جي آهي، ۽ اوڀر واري سندس نورچشم غازي بيگ جي، ۽ اولهه واري سندس ڪنهن پٽ يا فرزند يا ڪنهن ويجهي عزيز جي آهي. اتر پاسي هڪ قبر احاطه اندر آهي، مگر بي نام آهي. ازانسواءِ ٻيون به ڪي قبرون آهن جي پوئين جون معلوم ٿين ٿيون. اولهه پاسي محراب آهي، جنهن تي پٿر جي نڪ جو ڪم بهترين ٿيل آهي. ان تي ئي مرزا جاني بيگ جي تاريخ وفات قرآن شريف جي هن آيت بعد اڪريل آهي. "فنادته الملائکة وهو قائم يصلي في المحراب." ان بعد تاريخ مرزا جاني بيگ ٢٧ رجب ١٠٠٩ هه. ان کان پوءِ عجيب و غريب کوه پسي، ۽ سيد چٽن شاهه جي زيارت ڪري، رستي تي پهچبو.

( ۱۰ )

## رستي جو ڏاکڻيو پاسو

ٺٽي کان ڪراچيءَ ويندڙ رستي تي ڊاڪ بنگلي کان اورتي، لوڪلبورڊ جي مسافرخاني وٽ اچي بيهبو ته پريان ڏکڻ طرف، هوا جي چرخيءَ وارو بنگلو ڏسڻ ۾ ايندو، جو مرحوم سيد حاجي عبدالرحيم شاهه مجاوليءَ جو ٺهرايل آهي. هن ڏانهن وڃڻ لاءِ، وڏي رستي تان هڪ پيچرو نڪري ٿو. جيڪڏهن ڪوبه پانڌيڙو، اهو پيچرو وٺي، شاهه صاحب واري بنگلي ڏانهن رخ رکندو ته هن کي پنهي طرفن اٿاهه مها ساگر وانگر ”مقام“، زمين جي سطح تي ڇانيل نظر ايندو، جنهن ۾ سنڌ جا ڪيئي ڪُونڌر آرامي آهن. هن جي اهرندي پاسي جا موتي، پنهنجي غيرفاني جوت سان، اسان کي پاڻ ڏي جاذب ڪن ٿا، سي هي آهن نقشبندي حضرات، جن مان مخدوم آدم ۽ مخدوم ابوالقاسم جون چوڪنڊيون مشهور آهن.

هت لازم آهي ته هنن بزرگن جي طريقي جو ڪجهه بيان ڪجي، جنهن ڪري هو هن ناسوتي مڪان ۾ مشهور آهن. نقشبندي طريقي جو باني بهاءُالدين محمد بن محمد البخاري (۷۱۷ھ - ۷۹۱ھ) هو. پاڻ نقشبندي جي نالي سان انهيءَ ڪري مشهور رهيو، جو هو، الله جي لفظ جي صورت پنهنجي اڻ پڙهيل مريدن آڏو، اهڙيءَ طرح

درس ابراهيم، شيخ بهاؤالدين زڪريا ملتاني وارن جو مريد هو ۽ پوءِ اچي ٺٽي ۾ رهيو. ڏاڍي حال ۽ قال وارو هو. وقت جو پيو مشهور علامہ مخدوم محمد معين عرف مخدوم ٺارو، جو شاه ولي الله دهلوي جو سهيو ڳي ۽ شاه عنايت جو صحبتي هو، سو مذڪور مخدوم صاحب جو مريد هو. هن صاحب جي التفات جي نظر مخدوم ابوالمسڪين تي هوندي هئي.

ان جي ڏکڻ اولهہ مخدوم حمزه جي تربت آهي، جنهن کي "واعظ" ڪري سڏيندا آهن. بلند روحاني منزل تي پهتل هو. "تحفة الڪرام" واري ڄاڻايو آهي تہ روز رات جي نماز وچي ڪعبة الله شريف ۾ پڙهندو هو. وڌيڪ ڏکڻ ڏي هلبو ۽ پيچرو، جو عيدگاه ڏي وڃي ٿو، اهو ٽپي ٻيئي پاسي ٿبو تہ مخدوم هاشم ٺٽوي جي تربت ڏسڻ ۾ ايندي، جا اصل تہ مقام ۾ رواجي طرح هئي مگر هاڻي سندس عقيد تمندن هن جي مٿان چاريءَ سان ڳچ جي پڪي قبر ٺهرائي ڇڏي آهي. ازانسواءِ چوديواري ڏني، عاليشان سينگاريل دروازو ٺاهي ڇڏيو آهي. پرسان هڪ مسجد بہ ٺهيل آهي.

مخدوم حاجي محمد هاشم ٺٽوي سنڌي عبدالغفور بزرگ جو فرزند آهي، جو صاحب ٻٺوري جو باشندو هو.

مخدوم صاحب ١١٠٤هہ مطابق ١٦١٣ع ۾ تولد ٿيو شروعاتي تعليم جون منزلون پنهنجي والد صاحب وٽ طيءِ ڪيائين. ان بعد ٺٽي جهڙي هڪ علم و فضل جي گهواري ۾ اچي لڌيو ۽ مخدوم سعيد صاحب،

مخدوم ضياءالدين جهڙن ڀلارن جي استاديءَ جو شرف مليس. "تحفة الڪرام" جي روايت موجب پاڻ مخدوم محمد معين ۽ ٻين ڪن ٺٽي جي عالمن سان علمي بحث ڪندو هو، جو اهي هن جي نظريي جي خلاف هئا. هي صاحب شريعت تي بلڪل مستقل هو ۽ اسلام جي ديني ڪمن ۾ تمام گهڻي مدد ڪندو هو ۽ دين جي برخلاف ڳالهائيندڙ سان خوب چونون ڪائيندو هو. سندس ذريعي ۾ سوين ماڻهو اسلام جي دائري ۾ داخل ٿيا.

نادر شاه، احمد شاه ۽ ٻين بادشاهن سان سندس خط و ڪتابت جو رستو جاري هوندو هو ۽ جيڪي چوندو هو، سو هو ڪندا هئا. وقت جي حاڪم غلام شاه ڪلهوڙي به هن کي قاضي القضاة جي عالي منصب تي مامور ڪيو. سندس ڪتاب لڳ ڀڳ ١٥٠ جي انداز تائين آهن، جن مان ڪي ٿورا ڇپيل آهن. باقي اسان جي بي قدري ۽ سرد مهريءَ تي نوحہ ڪندا زماني جي بي درد هٿن سان مٽبا نابود ٿيندا ويا آهن. هن صاحب ١١٧٤ه مطابق ١٧٦٠ع ۾ وفات ڪئي. سندس هڪ پٽ مخدوم حاجي عبدالرحمان جهونا ڳڙهه ويو ۽ اتي ئي گذاري ويو ۽ ٻيو مخدوم عبداللطيف پيءُ جو جاءِ نشين ٿيو، جو پنهنجي والد وانگر وعظ و نصيحت ۾ مصروف هوندو هو. مرحوم سيد عبدالرحيم شاه جي بنگلي جي اولهہ پاسي پريان هڪ مسجد شريف آهي،

جتي ڪي قديم پٿر به آهن، جن ڪي حضرت عليءَ جا قدم چيا وڃن ٿا. اتي شيعه حضرات تازيه ٺاهي، اچي رکندا آهن. ان ڪي امام حسين جو جلوه گاه سڏين ٿا. انهن مان چند مکيه تربتن جا نشان، جي اسان کي مليا، انهن جو ذڪر هيٺ ڏجي ٿو:

١- مرحوم مير وراقاسم ابن مشهدي بنام بنده علي ذي الحج ١٠٢٧هه.

٢- محمد ڪريم ابن حاجي اصغر اصفهاني ١١٥٥هه.

٣- محمد اسماعيل بن حاجي محمد شريف اصفهاني تاريخ ٨ ربيع الاول (سال صاف نه هو). مسجد شريف تي سال ١١٤٠ لکيل هو.

بنگلي کان هڪ بيچرو اوير طرف وڃي ٿو، جو هڪ دلپذير ڍنڍ جي طرف وٺي وڃي ٿو. هن ڍنڍ کي "شلنگ ڍنڍ" ڪري سڏين ٿا. پريان "ڪنڊڙيءَ" ۾ هڪ مندر ڏيکائي پيو ڏئي، جنهن کي "منڇا ديويءَ" جو مندر ڪري سڏجي ٿو. انهيءَ مندر جو نظارو اهڙو پيو دل کي ياسي، جهڙو ڪنهن هردوار جي دُواري جو عڪس آهي يا بنارس جي مندر جي مورتي آهي. واقعي نظارو قابل ديده آهي. هن بنگلي کان ٻيو بيچرو وري عيدگاهه، خليفي چٽن ۽ سيد يوسف شاه رضوي مهدي ۽ لونو فقير سلطان ساموئڊيءَ جي آستانن ڏي وڃي ٿو. هاڻي اچون ٿا هرهڪ جي احوال تي.

عيدگاهه شاهجهان جي عهد زرين ۾ يوسف خان جي

نوابيءَ جي زماني جي يادگار آهي. اها معلوميت مغربي طرف واري ديوار جي ڪتبي مان ظاهر آهي. ڪتبي جا لفظ هي آهن

"خان مالڪ رقاب يوسف خان، ساخت، طاعت گهي ز بخت بلند قدسيان بهر سال اتمامش، ڪعبه اصل فضل يافتہ اند."

١٠٤٣هه.

نواب يوسف خان وڏو علم پرور ۽ علم دوست حاڪم هو.

مخدوم محمد ابراهيم ٺٽوي شرح "مخزن الاسرار" سنڌس نالي منسوب ڪئي آهي ۽ سنڌس بيحد واکاڻ ڪئي آهي. ٻيو هڪ ڪتبو لڳل آهي، جنهن مان ظاهر آهي ته ٽالپرن جي حڪومت جي ڏينهن ۾ الله بخش نالي عباسي، عيدگاهه جي مرمت ڪرائي آهي. ڪتبي جا لفظ هي آهن.

غفار ١٢٨١هه.

"چون الله بخش شه آل عباس، زيب ترميم اين مصلي ڪرد بي سرو جدوجهد خوان سالش، ڪعبه اهل فضل زيبا ڪرده"

١٢٨١هه.

خليفي چتن ۽ لوڙو فقير جو مستند احوال نه ٿو ملي. انهن ٻنهي جو احوال اڃا تحقيق طلب آهي. باقي سيد يوسف شاه رضوي ساداتن مان هو. هن جو وڏو ڏاڏو سيد عبدالرزاق ولد سيد جادم ڀهرياڻين ٺٽي آيو، جنهن جي قبر شيخ حمادي جمالي جي مقبري جي ڀرسان

آهي • سيد محمد يوسف، سيد مبارڪ شاه ۽ شيخ دانيال
جو مريد هو • هن صاحب پنهنجن مائٽن مٽن کي ڇڏي،
اچي مڪليءَ تي پنهنجو مڪان ڪيو ۽ ميران سيد
محمدي مهدي جونپوريءَ جي آستاني تي رهڻ لڳو،
جنهن ڪري هاڻي ڪيس سيد يوسف شاهه مهدي به
سڏيندا آهن • عباسي قاضين جي خاندان مان شادي
ڪيائين • نياڻي ڄايس، جنهن سان پنهنجي ڀائٽي سيد
اسحاق ولد مير ڪمال الدين کي ٻڪر مان گهرائي،
شادي ڪرايائينس، جو پوءِ ساڻس گڏ رهڻ لڳو • انهيءَ
جو اولاد ٿيو ، جنهن مان سيد محمد جعفر سجاده نشين
ٿيو ۽ اهو صاحب سيد عبدالڪريم بلڙيءَ واري جو
خليفو هو ۽ ان جي مريدن جي مهمانداري جو ڪم
سندس ذمي هو •

لونو فقير جي مقام جي هيٺان وري هڪ من موهڻي
ڏنڍ نظر اچي ٿي ، جنهن کي ٻڪري ڏنڍ ڪري ٿا
سڏين • اهو هن ڪري جو ٻڪر جا بانڪا سادات رضوي
سندس پاسي ۾ آرامي آهن •

هت اسان جي مڪليءَ جو سير ختم ٿيو • اسان ساموئي
جي ڳوٺ کان وٺي ٻڪر ڏنڍ تائين ساڍن تيرهن ميلن جو
وڏو مفاصلو عجيب و غريب حالات سان پريل محض ذهن
ڪاغذي قسطن ۾ اوهان تائين پهچايو • مان وري به
پنهنجي پهرين مضمون جا لفظ دهرائيندي، مڪلي جي
من موهيندڙ سلسلي کي هت ختم ڪريان ٿو :

مڪلي جي ٽڪري ۽ ٻپ ۽ هاڙهي جبلن جي شاخ آهي ۽ ”رني جي ڪوٽ“ واري ٽڪرين جي قطار مان شمار ڪئي وڃي ٿي. اها پيرپٽي ڪان ٽڪري، اتر ڏي برابر پنج ڪوهه وڃي، ٿي ڪي ويجهو الهندي طرف بيهي ٿي. ساموئي جو ڪوٽ پنهنجي شاندار ماضي تي اتر واري چيڙي جي هيٺان حسرت جا ڳوڙها ڳاڙي رهيو آهي: تہ ڏکڻ جي پاسي واري بکر جي ڍنڍ، پنهنجي مرمرين موجن سان ناظرينن جي دل لڀائي رهي آهي.“

---

# سنڌي ادبي بورڊ جا ڇپايل

# ڪي ٻيا ڪتاب

| | | |
|---|---|---|
| ١. | رهاڻ | ١٥-٠٠ |
| ٢. | يادگيريون | ١٥-٠٠ |
| ٣. | ڪنڊڙيءَ وارن جو ڪلام | ١٥-٠٠ |
| ٤. | ايشيا جون لوڪ ڪهاڻيون | ١٠-٠٠ |
| ٥. | قديم سنڌ | ٣٠-٠٠ |
| ٦. | سومرن جو دؤر | ٢٥-٠٠ |
| ٧. | سچل جو سنيهو | ١٢-٠٠ |
| ٨. | ديوان بيڪس | ١٥-٠٠ |
| ٩. | نانڪ يوسف جو ڪلام | ٤٠-٠٠ |
| ١٠. | ڪڇين جا قول | ٢٠-٠٠ |
| ١١. | رسالو سچل سرمست (سنڌي) | ٥٠-٠٠ |
| ١٢. | رسالو سچل سرمست (سرائڪي) | ٥٠-٠٠ |
| ١٣. | مير محمد معصوم بکري | ٥٠-٠٠ |
| ١٤. | جنب گذاريم جن سين (ڀاڱو ١) | ٤٠-٠٠ |
| ١٥. | جنب گذاريم جن سين (ڀاڱو ٢) | ٦٠-٠٠ |
| ١٦. | تاريخ معصومي | ٥٠-٠٠ |
| ١٧. | ڪليات خادم | ١٠-٠٠ |
| ١٨. | ڪليات حمل | ٥٠-٠٠ |
| ١٩. | نئين مصر جا پراڻا ورق | ٢٥-٠٠ |
| ٢٠. | جنت السنڌ | ٧٠-٠٠ |
| ٢١. | مشاهير سنڌ (جلد ١، ٢ ۽ ٣) | ١٢٠-٠٠ |
| ٢٢. | ڪيميائي سعادت (جلد ٢) | ٤٠-٠٠ |
| ٢٣. | ڪافيون (جلد ١) | ٩٠-٠٠ |
| ٢٤. | ڪليات حاجي خانڻ چنجڻي | ٣٥-٠٠ |

# سنڌي ادبي بورڊ جا ڇپايل ڪي پيا ڪتاب

١- قرآن شريف (فارسي ترجمو): حضرت مخدوم نوح رحہ، صفحا ١٢٦٠، هديہ ١٠٠ رپيا.

٢- حيات النبي صہ: مصنف: حڪيم فتح محمد سيوهاڻي، صفحا ٢٨٠، قيمت ٢٥ رپيا.

٣- سيرت مصطفیٰ صہ: مصنف: مولوي محمد عظيم شيدا، صفحا ٥٤٦، قيمت ٥٠ رپيا.

٤- سنڌ - هڪ عام جائزو: مترجم: سليم احمد، صفحا ٥١٥، قيمت ٥٠ رپيا.

٥- سنڌ مسلمانن جي فتح کان اڳ: مترجم: سومار علي سومرو، صفحا ٣٩٠، قيمت ٥٠ رپيا.

٦- ڪيمياءِ سعادت (ٻاگو ڀڱيون): مترجم: مرزا قليچ بيگ، صفحا ٢٣٥، قيمت اڇو پنو ٢٠ رپيا ۽ سادو پنو ١٥ رپيا.

٧- قديم سنڌ جا مشهور شهر ۽ ماڻهو: مصنف: مرزا قليچ بيگ، صفحا ٤٠٤، قيمت ٢٥ رپيا.

٨- تذڪره امير خاني: مرتب: سيد حسام الدين راشدي، صفحا ٣٧٢، قيمت ٢٠ رپيا.

## ملڻ جو هنڌ:

سنڌي ادبي بورڊ جو بوڪ اسٽال

تلڪ چاڙهي حيدرآباد سنڌ.

(جنرل پوسٽ آفيس باڪس نمبر ١٢، حيدرآباد سنڌ.)